
دل جي خانہ بدوشي
فياض لطيف
پوبٽ

# دل جي خانہ بدوشي

(شاعري)

فياض لطيف

پوپٽ

پوپٽ پبلشنگ هائوس ـ خيرپور، سنڌ.
2013 ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

دِل جي هِن خانه بدوشي
آ ڇڏيو رولي اسان کي
چنجِ هاڻي هُنَ کي چئجان
ڪينڪي ڳولي اسان کي

**POPAT BOOK NO. 37**

**دل جي خانہ بدوشي**

**(شاعري)**

شاعر: **فياض لطيف**

ڇاپو پهريون: اپريل 2013ع

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: احسان دانش

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور ـ سنڌ.

ملھہ: **230/-** روپيہ

**DIL JEE KHANA BADOSHI**

**(Poetry)**

Poet: **Fayaz Latif**

First Edition: April 2013

Quantity: 1000 Copies

Title Design: Ahsan Danish

Composing & Layout: Asif Nizamani

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913

Published by: Popat Publishing House, Mall Road, Khairpur – Sindh.

Price: **Rs. 230/-**

# امڙ جي تالي

جيڪا جسماني طور وڇڙي وڃڻ کان پوءِ بہ هر لمحي احساساتي طور مون سان گڏ آهي. مائرون مَرنديون ٿو روئي آهن، اُهي تہ ميلي ۾ وڃائجي ويل معصوم ٻار وانگر هِن دنيا جي دشت مان بس گم ٿي وينديون آهن. جن کي دنيا جي ميلي توڙي دل جي ڪُنڊڙيءَ ۾ اڪيلي سِرِ زندگي ڀر ڳوليندو رهڻو پوندو آهي.

**ــــ فياض لطيف**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”دل جي خانہ بدوشي“** اوهان اڳيان پيش آهي. شاعريءَ جي هن خوبصورت مجموعي جو تخليقڪار ناميارو ليکڪ، محقق ۽ شاعر **فياض لطيف** آهي.

فياض لطيف هِڪُ سُڄاڻ ڪوي آهي ۽ سندس ڪوتائون، انهيءَ ڳالهہ جي ساکَ پرين ٿيون. فياض لطيف جي شاعري عشق ۽ زندگيءَ جي بين ڪيفيتن سان سرشار شاعري آهي. سندس هي ڪِتابُ ”دل جي خانہ بدوشي“ اهڙي ئي اظهارَ جو تسلسل آهي. هِنَ ڪِتابَ ۾ موجود شعرن ۾ سَمايل فياض لطيف جا جذبا ۽ احساس يقيناً پڙهندڙن جي دلين کي ڇُهندا ۽ فياض جو هي سُهڻو ڪِتابُ پيار ڪندڙن جي هٿن ۾ مُرڪندي نظر ايندو.

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2013ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبليڪيشن جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## You Know!

I miss my past. I miss all that was part of my past, but you are the one from that past, who is still the part of my present. When ever you contact me, I feel that I have something very much vauleable in my hands today from my past.

I know what is love, I know what is fragrance of past, I know waiting that kills or nourishes the person, but some times I do not understand my self and I went on knowing you, I feel I have started to discover my self and when I read your eyes and verses, I feel what resides with in me.

***(A piece from beloved’s letter)***

# سـتـاءُ


| | |
|---|---|
| ◈ **پبلشر نوٽ** - قربان منگي | 9 |
| ◈ **ننڍَ چڻ ڪائي نَدي** - عادل عباسي | 10 |
| ◈ **سدائين ڪوتا زخمَ پريا آهن** - فياض لطيف | 22 |
| ☐ **نظمَ** | 35 |
| ● نظمن تي راءِ - **ادل سومرو** | 36 |
| ☐ **آزاد نظمَ** | 99 |
| ● آزاد نظمن تي راءِ - **حبدار سولنگي** | 100 |
| ☐ **غزلَ** | 141 |
| ● غزلنِ تي راءِ - **امر اقبال** | 142 |
| ☐ **بيتَ** | 167 |
| ● بيتن تي راءِ - **حبيب ساجد** | 168 |
| ☐ **وايون** | 179 |
| ● وائُن تي راءِ - **سعيد ميمڻ** | 180 |

# پبلشر نوٽ

فياض لطيف جي شاعري عشق ۽ زندگيءَ جي ٻين ڪيفيتن سان سرشار شاعري آهي. فياض لطيف جو شمار پنهنجي ٿهيءَ جي اهم شاعرن ۾ ٿئي ٿو. نظم سندس اظهار جو اهم وسيلو آهي ۽ ساڳي ئي وقت هُنَ ٻين صنفن ۾ پڻ خوبصورتيءَ سان اظهاريو آهي. سندس هي ڪِتابُ ”دل جي خانہ بدوشي“ اهڙي ئي اظهارَ جو تسلسل آهي. هِنَ ڪِتابَ ۾ موجود شعرن ۾ سَمايل فياض لطيف جا جذبا ۽ احساس يقيناً پڙهندڙن جي دلين کي ڇُهندا ۽ فياض جو هي سُهڻو ڪِتابُ پيار ڪندڙن جي هٿن ۾ مُرڪندي نظر ايندو.

فياض لطيف هِڪُ سُجاڻ ڪوي آهي ۽ سندس ڪوتائون انهيءَ ڳالهہ جي ساکَ ڀرين ٿيون. اداري ”پوپٽ“ کي، هِنَ ڪِتابَ مُتعلق اوهان جي راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

**قربان منگي**
چيئرمين
پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور

مهاڳ

# ننڊ ڇڻ ڪائي نديءَ، خواب ڇڻ آهن اکيون

زندگي هزارين روپ رکي ٿي، هر روپ جا نقش نگار، موڊ، مهانڊا، مطلب ۽ معنائون توڙي آثار ۽ آرڪٽيون پنهنجون آهن. جيترا سندس حسين روپ آهن، اوترا ئي ڀيانڪ ٻهروپ.

زندگي پيار جو گيت به آهي، ته درد جو قصيدو به. اميد جو ڏيئو به آهي، ته نراسائيءَ جي رکُ به. ٿڪن جي ڇير به آهي، ته لڙڪن جو جلترنگ به. مٺي پاڻيءَ جو چشمو به آهي، ته کاري پاڻيءَ جو کوھ به ۽ اتساھ جي بانسري به آهي، ته درد جو نغارو به. زندگي واڌو ڪاٽو ونڊيان، ضربيان سميت آل جبرا جي حسابن واري پيچيده رياضي به آهي، ته جاڳري ٻير جي ڳنڊن جهڙي ڇُپندڙ به.

زندگي ۾ ڪي حادثا اهڙا به ٿيندا آهن، جيڪي حياتيءَ جي سموري جاگرافي بدلائي ڇڏيندا آهن. اندر جي سر زمين تي نيون نيون رياستون، علائقا ۽ پرڳڻا نهڻ شروع ٿي ويندا آهن. جيتوڻيڪ انساني وجود پاڻ هڪ ڏار رياست آهي. دماغ جي جَڳمڳائيندڙ شهر ۾ جذبن جون تيز رفتار گاڏيون، خواهشن جي روڊن تي بنا بريڪ هلنديون آهن، جنهنڪري اڪثر خيالن ۽ خوابن جا خطرناڪ حادثا ٿيندا آهن. جگر جي لال بتيءَ ۾ سدائين احساسن جي ايمرجنسي رهندي آهي. گردي جي ٻهراڙيءَ واري علائقي ۾ اڪثر سڪون رهندو آهي، بس آبڪلاٽيءَ واريءَ موسم ۾ ڪا ٻوڏ، ڪو سيلاب اچي ويندو آهي. اکين جي سامونڊي پٽيءَ ۾ وري هميشہ جهڙالي موسم رهندي آهي، ڇپرن جي آڪاش تي بادلن جا ٽولا وڏقڙي وسائڻ لاءِ آتا هوندا، ڇپن جي ٽر وارو ۽ واريا سو علائقو سدائين ٽوٽ سڪل ۽ سدائين پياسو، جيڪو سدائين پيار جي برسات لاءِ آتو ۽ اتاولو ۽ وري دل جو گاديءَ وارو هنڌ ته هميشہ خواهشن، خوابن، جذبن، احساسن ۽ اڌمن جي بي پناھ آباديءَ جي دٻاءَ ڪري هميشہ مصروف ۽ مشغول، جنهن ۾ ٿڪن واري ريشم گلي سدائين خوشين ۽ رونقن سان روان دوان، ته ٻئي پاسي وري لڙڪن جي جيلس بازار ۾ سدائين مندي ۽ ڀيهہ. هڪڙا سڏڪا مس ويندا ته وري ٻيا اچي ويندا. مطلب ته ماڻهو ئي هن ڪائنات ۾ سڀ کان وڏي رياست ۽ ملڪ آهي.

فطرت، زندگيءَ جي ۽ زندگي، ماڻهوءَ جي تسخير ڪري ٿي ۽ ماڻهو وري پنهنجي اندر مان پنهنجي آدرشن جي هڪ نئين ڪائنات دريافت ڪري ٿو اها

ڪائنات، جنهن ۾ انيڪ دليون ڌڙڪي رهيون آهن ۽ ڪيتريون ئي زندگيون مرڪي رهيون آهن. تنهنڪري زندگي منجهان زندگي دريافت ڪرڻ جو سڀ کان وڏو معجزو، سڀ کان وڏو چمتڪار ۽ سڀ کان وڏو اسرار آهي ”شاعري“. شاعري اظهار جو اهو سرچشمو آهي، جنهن ۾ احساسن کي رقص ڪرڻ، لڙڪن مان آبشار ٺيڻ ۽ پنهنجي تقدير لکڻ جي بي پناهہ شڪتي موجود آهي. جڏهن تہ شاعري پنهنجي دَور جي نظماڻي تاريخ بہ هوندي آهي. شاعر ۽ تاريخدان ۾ اهو فرق آهي، تہ تاريخدان ماضيءَ جي تاريخ لکندو آهي ۽ شاعر مستقبل جون پيشنگوئيون ڪندو آهي، شايد ان ڪري ئي ارسطوءَ کي بہ چوڻو پيو هو تہ، ”شاعري فلسفي کان وڌيڪ فڪرانگيز ۽ تاريخ کان وڌيڪ سبق آموز ٿيندي آهي.“

شاعر هڪ ئي وقت خالق، مخلوق ۽ خلق هجڻ واري تثليث جوڙي ٿو. هن وٽ پنهنجي خدائي ۽ پنهنجو لوح و قلم ٿئي ٿو. هو فقط شاعري ئي نہ ڪندو آهي، پر پنهنجي وقت جي تقدير بہ لکندو آهي ۽ تقدير لکڻ وارو ڪو ماڻهو، ملائڪ يا جِن نہ، پر خالق، قادر ۽ خدا هجي ٿو.

مون سنڌ ۾ گهٽ اهڙا شاعر ڏٺا آهن، جن وٽ هڪ ئي وقت شاعري ڪرڻ، نثر لکڻ ۽ شين بابت تخليقي انداز ۾ ڳالهائڻ جي مهارت هجي ۽ انهن ٿورڙن ماڻهن جي سٽاءَ ۾ فياض لطيف بہ شامل آهي. اندر ۾ بي پناهہ تخليقي سگهہ رکڻ باوجود بظاهر مانيٽي ۽ نرم لهجي واري هن شخص جي اندر ۾ مون کي ڪيترا ئي ائٽلانٽڪ نظر آيا آهن. سندس شاعريءَ جو مجموعو”دل جي خانہ بدوشي“ منهنجي اڳيان آهي، جنهن جي مٿان سندس نظمن، آزاد نظمن، غزلن، وائين ۽ بيتن جا ڪيترائي ٽائٽانڪ تَري رهيا آهن، پر سندس تخليقي ساگر ۾ تارڻ سان گڏ ٻوڙڻ جي شڪتي بہ موجود آهي.

فياض لطيف جي هن تخليقي فن پاري کي مون ڏاڍي ڌيان ۽ توجهہ سان گڏ تمام گهڻي پيار ۽ پنهنجائپ سان پڙهيو آهي. سندس هن تخليقي پورهئي ۾ مون کي حيران ڪندڙ اظهار بہ مليا آهن. جتي مون سندس شاعريءَ ۾ حسين خيالن جي چپن تي مُرڪ کي رقص ڪندي ڏٺو آهي، اُتي ئي لفظن جي اندر ۾ لڪل بي پناهہ درد جون دانهون بہ ٻُڌيون آهن. جتي سندس احساس ڪتڪتايون ڪيندي شرارت وچان اکيون هڻن ٿا، اتي ئي سندس جذبا اسان کي پٺ تي ڪيرائي تيز ڌار وارو خنجر ڪڍي اسان جي سيني تي ويهي رهن ٿا.

فياض جو هي شعري مجموعو نظمن، آزاد نظمن، غزلن، وائين ۽ بيتن تي مشتمل آهي. هن گهڻين صنفن جي پرمار کان پاسو ۽ پرهيز ڪندي، انهن ئي صنفن کي پنهنجي سيني سان لڳايو آهي، جيڪي سندس احساسن، جذبن ۽ دردن جو آواز بڻجي سگهيون آهن. اهڙو آواز جيڪو اسان جي جسم کي چيري روح ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. چو تہ شاعر تي لهندڙ هر خيال پنهنجو گهاڙيٽو پاڻ سان گڏ کڻي ايندو آهي. ائين بنهہ ناهي ٿيو تہ شاعر غزل لکڻ چاهي ۽ وائي لکجي وئي هجي يا بيت لکڻ وقت گيت لکجي وڃي. هر خيال جي پنهنجي محڪات ۽ هر صنف جو پنهنجو مزاج هوندو آهي. جيڪڏهن شاعر جو رويو ان صنف جي برخلاف ۽ مزاج مخالف هوندو، تہ اها صنف اشتعال ۾ اچي، تخليقي اظهار جو حسين ۽ هموار رستو ڇڏي، ڪچ ۾ لهي ويندي ۽ نيٺ بہ ابلاغ جي منزل وڃائي، اجائين ڳالهين ۾ اُلجهي پوندي. اهڙيءَ ريت فياض جي نظمن کي پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو تہ فياض پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ نظم جي چونڊ نہ ڪئي آهي، پر نظمن پنهنجي حسين اظهار لاءِ فياض کي چونڊيو آهي. سندس نظمن ۾ ڪوڙ سارا لفظ، احساسن جو روپ وٺي لئہ ۽ ردم جي وهڪري ۾ تيزيءَ سان ترندا اچن ٿا. جيئن ڪو بتيلو ڪينجهر تي تري رهيو هجي، جيئن ڪنهن نديءَ جي تري ۾ سونَ ذرڙا تيز تر وهڪري ۾ وهندا ايندا آهن.

آڳرين جي جانِ جان! آوارگي
آرزوئن جي بدن تي
ڏاڍي مدهم ٿي وئي آ.

....

پٿرن جي شهر ۾
ڪانچ جي چوڙين جِهو
پنهنجي سپنن جو بدن
هل تون ائين کڻي.

....

ڪيتري خانہ بدوشي
دل بہ بادل جيان ڪئي آ

پنهنجي پيرن جي سفر ۾
ڏرتتــي ســــاري رهي آ

سندس اڪثر نظمن ۾ تاجي – پيٽي، اُٽت جي نفاست ۽ احساس جي بي پناهہ شدت آهي، جيڪي اسان جي ساهن جي حرارت کي بي ترتيب ڪري ڇڏين ٿا. پوءِ جڻ اسان مٿي وارو ڏڪ ڪائي، ٻئي هٿ دل تي رکي، وائڙا ٿي ويهي رهون ٿا. نظم کي سگهاري ۽ شاندار انداز ۾ لکڻ جي ڪري، نظم جي حوالي سان سڃاتو ويندڙ فياض لطيف پنهنجي نالي جي پوئين اڌ "لطيف" هجڻ جي ڪري مون کي احساسن ۾ ڏاڍو غزلاڻو نظر آيو آهي ۽ اظهار ۾ نظماڻو. اهو ئي سبب آهي، جو سندس غزلن جي فزڪس نظمن جهڙي آهي ۽ سندس نظمن جي ڪيمسٽري غزلن جهڙي، يعني سندس غزلن جو ستاءُ تہ نظماڻو آهي، پر نظمن جي نفاست ۽ ڪوملتا غزلن جهڙي. اجا بہ هيئن تہ غزلن جو طعام تہ نظماڻو آهي، پر نظمن جو ذائقو غزلن جهڙو. انهن ۾ ترڪيبون ۽ تشبيهون ڏاڍي خوبصورتي ۽ سليقي سان نپايل آهن، منجهن بي انتها مناڻ موجود آهي.

فياض لطيف پنهنجي خيالن ۽ احساسن کي اوتڻ لاءِ نظمن جي جنهن رستي جي چونڊ ڪئي آهي، انهيءَ رستي جا سمورا نظارا، گهيڙ گهٽ، هوائون ۽ ڇانورا پنهنجا آهن. سندس نظمن جو نہ رڳو پيچرو پنهنجو آهي، پر انهن جو ماحول ۽ موسمون بہ پنهنجون آهن. سندس نظمن جو صحرا بہ پنهنجو آهي، تہ باراني بہ پنهنجي آهي. پوکي بہ پنهنجي آهي، تہ لابارو بہ پنهنجو آهي. مطلب تہ سندس نظمن جو سڄو ٻول ٻال، مُنهن مهانڊو، هڏ هانءِ، قد ڪاٺ، وت ۽ وزن توڙي مزاج ۽ لهجو نج پنهنجو آهي، جنهنڪري ئي هو نظمن ۾ پنهنجو الڳ اسلوب ۽ ڏار ڏڪشن رکي ٿو. نظم مان غزل جي خوشبو اچي ٿي ۽ غزل مان نظم جو هڳاءُ يعني سندس نظمن جو معروض تہ نظماڻو آهي، پر موضوع غزلاڻو ۽ سندس غزلن جو ڏاڻ تہ غزلاڻو آهي، پر اظهار نظماڻو تہ اهڙي فياضي، فياض کان وڌيڪ ڀلا ٻيو ڪير ڪري سگهندو!

سندس ڪوڙساترا نظم پنهنجي ڪلائيمڪس ۾ هڪ ڀرپور تاثر ڇڏي ۽ هڪ خوبصورت قافيو ساڻ ڪري، پنهنجي ڀرين ست ۽ قافيي سان ميچ ڪائي، اسان کان موڪلائڻ مهل، اسان جي دل ۽ دماغ تي هڪ زوردار ڌڪ هڻن ٿا ۽ اسان انهن جي اثر ۽ سحر ۾ ائين خاموش ۽ ٻتال ٿي وڃون ٿا، جيئن بندوق جي نڪاءَ

ڪان پوءِ فضا خاموش ٿي ويندي آهي ۽ ٻڌبي آهي تہ فقط پکين جي ڦڙ ڦڙاهٽ. ڪجهہ نظمن منجهان اهڙا ٽُڪرا اوهان جي اڳيان رکان ٿو.

پنڌ ۾ هر پير هيٺيان،
ڪيتريون چوڙيون پڳل هِن.

. . . .

اج بہ ڇَڳ جو هر تصور
روح ساري کي ٿو واسي.

. . . .

ڪِڙيو آ چنڊُ اَمبر تي
ستارا جڳمڳائن ٿا
نديءَ کي ننڊ آهي پر
ڪنارا ڪجهہ ڳنائن ٿا.

. . . .

پنيان هُو سج پهاڙيءَ جي
لهي ٿو روپ بيوهہ جان
لڳي ٿو رات جي ماتي
سُندر هُو چنڊ ڪنهن ڳهَ جان.

. . . .

ادائن جي گهٽائن جو سفر آهي
غضب آ جو نگاهن جو سفر آهي
حياتي آ ڪنڌي تي ماڪ جو قطرو
سمندر جان اِڇائن جو سفر آهي

مان ذاتي طور ڪشف ۽ ڪرامت جو قائل تہ نہ رهيو آهيان، پر شاعر جي لاءِ هي چوندي شايد نہ گهبرائيندس تہ، شاعر ڪائنات جي ايتري تہ طاقتور هستي آهي ۽ وٽس ايتري تہ قدرت موجود آهي، جو سندس هڪ پير ڌرتيءَ تي هوندو آهي، تہ ٻيو آڪاش تي، يعني هو هڪ ٻرانگ ۾ ڪائنات لتاڙي وڃي ٿو.

فياض جي اندروني يا سهڪاري قافين جي ٻرانگ بہ ايتري ئي وڏي آهي. اهي پاڻ ۾ هم قافيا هوندي بہ ٻن ڌار ڌار خيالن کي پاڻ ۾ اهڙي تہ نفيس ۽ مترنم

معنويت سان اظهارين ٿا. جو ماٺهو قافين جي سرحد تي، نظم جي ڏکهي پنڌ ۾ بيهي ساهي پٽڻ بدران، ٿَڪَ کي پرتي اُڇلي، اڳتي وڌي وڃي ٿو.

اج بہ منهنجا رنگ سارا
روپ تنهنجي جو رَچن ٿا،
نقش ڪوئي،
نندِ جهڙو،
گِهندِ جهڙو،
جو وَڃي ٿو رات ڏينهن،
روح منهنجي جي رَڳن ۾،
تنهنجي زلفن جي چَڳن ۾،
اج بہ منهنجي آڱرين جو،
چين ٿو اُلجهي پوي،
نيڻ تنهنجا،
سحر وانگر،
لهر وانگر،
اج بہ ٻُوڙن ٿا مِني!

فياض جا ڪجهہ نظم اهڙا بہ آهن، جن منجهان مثال لاءِ ڪو ٽُڪرو يا شعر ڪڍڻ ائين آهي، جيئن ڪنهن سهڻي ۽ سالم جسم جو ڪو عضوو ڪٽي پيش ڪجي، تنهنڪري مان اهڙن خوبصورت نظمن کي اَپاهج ڪرڻ بدران اوهان کي صلاح ڏيندس، تہ اوهان اهي پاڻ ئي پڙهو. سندس اهڙا سيئي نظم احساسن جي حدت ۽ اندر جي پياس لاءِ پيئڻ جهڙا آهن، جيڪي مون کي ڪنهن مشروب جهڙي آسيس ڏين ٿا. انهن ۾ سندس نظم ”پياسو ساحل، تِشنگيءَ جو بدن، دشت جو سفر آ دل لڳي، دلين جا زخم پربا ناهن، اچين جي جلد آ جانان، آءُ اجايل آهيان ۽ چندَ هاڻي هُن کي چئجان“ شامل آهن.

شاعراڻي اظهار جون ڳالهيون عجيب هونديون آهن. ڪڏهن نرم تہ ڪڏهن گرم. نرم اُهي، جيڪي پيار جي آجيان لاءِ سندس مٿان پنکڙين جيان گهورجن، چو تہ جڏهن اهي چپن مان اظهارجن تہ هر ڏسا سرهاڻ سان واسجي وڃي، هر لفظ خوشبو خوشبو ٿي ڪڙي. ڳل ڳاڙها ٿي وڃن ۽ چپن تي مُرڪون ماکي ٿي رَسڻ لڳن ۽ وري گرم اهي جيڪي وڇوڙي جي موسم ۾ اکين مان لڙڪن ذريعي

اظهارجن. هونئن بہ لڙڪُ تہ اظهار جي اها شڪتي آهي، جيڪا سمورن احساسن ۽ جذبن ذريعي، سموري اندر جي نپوڙجڻ کان پوءِ اکين جا بند ڀڃي ٻاهر نِڪري، پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪري ٿي. تنهڪري لڙڪ نرم بہ آهي، ڇو تہ ڪائنات ۾ پاڻي کان وڌيڪ نرم ۽ ڪُنئري ڪائي چيز ڪانهي ۽ لڙڪُ گرم بہ آهي، ڇو تہ احساسن جي سموري آتش کان پوءِ اندرُ ٽهڪڻَ جي درجہ حرارت تائين پهچڻ بعد ئي اکين جي آويءَ مان هڪ لڙڪ ٿي نِڪري ٿو.

غزل جي اظهار جا پيچرا بہ اهڙا ئي هوندا آهن. وصل ۽ ميلاپ کان وٺي وڇوڙي ۽ جدائيءَ تائين، زندگيءَ جا سمورا پل، غزل جي آرسيءَ ۾ ڏسجن ٿا. ساڳئي ريت فياض لطيف بہ غزل جي فطرت ۽ سياءَ کي سمجهي ٿو ۽ کيس پاڻ ڏانهن پاڻوهہ مان سڏي ڳراٽڙي پائي ٿو. موٽ ۾ غزل بہ ساڻس بي انتها پيار ڪري ٿو ۽ پنهنجو ڪنڌ هنج ۾ رکي، وسرام ڪرڻ چاهي ٿو ۽ وري فياض بہ کيس ننڊ مان جاڳائڻ بدران سندس مٿي تي پيار جا هٿڙا ڦيريندي، ڪجهہ گنگنائي ٿو تنهنڪري کيس ڪَنُ ڏئي ڏيان سان ٻُڌو تہ ڪيڏو نہ مِٺاس آهي، سندس آلاپ ۾ ڪيڏي نہ نفاست آهي، سندس لفظن ۾ ۽ ڪيڏي نہ حرارت آهي سندس خيالن ۾!

پير پنهنجن ۾ رهيون هِن ڏرتتيون ئي،
سانوري جڻ ڪي گهٽائون ٿي رهي آ.

. . . .

پاڻ کان پاڻ تائين پُڳيون هِن اکيون،
خواب مجذوب جو هي رُڳيون هِن اکيون.

. . . .

درد جي دلبري بہ رهي آ عجب،
درد سارو سفر ۽ جُهڳيون هِن اکيون.

. . . .

سمندر جان ڪٿي آهي، تمنا کي ڪنارو ڪو!
جياپو نيڻ سپنن جا، مَسافت پنڌ آ واري.

. . . .

خدا جي مصوري فطرت،
صبح ۽ شام ۾ جادو.

نظم جي زمين موضوعاتي لحاظ توڙي فني حدن ۾، غزل کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ ڪشادي، وسيع ۽ گوناگون آهي. اُن جي زرخيز زمين ۾ ڪهڙو به فصل پوکيو تہ لاپ ڏيندو. نظم جو لباس ريشمي يا سوتي ۽ ململ يا اطلس جو بہ محتاج ناهي. ڪيس جهڙو بہ لباس پارايو تہ خوبصورت لڳندو. هو هر اوڍڻي ۾ پنهنجي جسماني وجاهت سان جلوه نما رهندو. ڇو تہ نظم ۾ مستي بہ آهي، تہ مانائي بہ، ولولو بہ آهي، تہ ويراڳ بہ ۽ جمال بہ آهي، تہ جلال بہ. ان جي ڀيٽ ۾ غزل جي پهر اوڍ، ڇنڊ ڦوڪ ۽ پائڻ پارائڻ جو گهڻو خيال رکڻو پوي ٿو ۽ سندس جسماني نزاڪت، بدني نفاست ۽ شائستہ سياءَ لاءِ عمده، نفيس، نرم، ملائم ۽ رنگين اوڍڻن جي ضرورت پوي ٿي.

غزل ۽ نظم ۾ فرق عورت ۽ مرد وانگر آهي. عورت زنانہ ڪپڙا پائي توڙي مرداڻہ هر روپ ۾ سهڻي لڳندي، شرط اهو آهي، تہ ان ۾ عورتپڻو يعني نسوانيت هجي، پر جيڪڏهن ڪو مرد زنانہ ڪپڙا پائيندو تہ يقينن بدنما ۽ بي وڙو لڳندو. شرط آهي، تہ منجهس مرد پڻو هجي. مان ائين بہ چوندس تہ فياض جي شاعريءَ جو سياءُ نظماڻي غزلن ۽ غزلاڻي نظمن جهڙو آهي. سندس نظم پاڻ کي رومانوي حصار کان گهڻي پاڻي ڪڍي نہ سگهيو آهي ۽ ان ۾ بہ غزل جهڙي رنگيني آهي، تہ وري غزل نظماڻي بساط تي بيٺل آهي ۽ ان ۾ اهو ئي ولولو ۽ ووڪ آهي.

تشبيهون، ترڪيبون ۽ استعارا شاعريءَ جا زيور هوندا آهن، جن کي پائڻ کان پوءِ ڪوتا ـ ڪامڻي انتهائي حسين ۽ سُهڻي لڳندي آهي. جڏهن خوبصورت اظهار تشبيهن، ترڪيبن ۽ استعارن جا سونا ڳهہ ڳنا پائي ٿو تہ تخيل زندگيءَ سان ڀرپور ٿي ساھ کڻڻ لڳي ٿو ۽ ابلاغ جي تال تي پير ڏري نرت ڪرڻ لڳي ٿو. اصل ڳالهہ احساس جي ناهي، پر اظهار جي آهي. تشبيهون، ترڪيبون ۽ استعارا تہ اهي ريشمي ڌاڳا آهن، جيڪي اظهار جي ڳرائيءَ ۾ راکي ٻڌي ڪيس پنهنجو هم شير بڻائين ٿا. فياض جي شاعريءَ ۾ بہ اهڙين ئي خوبصورت تشبيهن، تازگي بخشيندڙ ترڪيبن ۽ اَمُلهہ استعارن جي هڪ پوري پرتوي، اظهار جي محور تي ڦري رهي آهي ۽ اسان جڻ ان جي مدار ڏانهن ڇڪجي، سندس چوڌاري ڦِري رهيا آهيون. ”سپي ۾ سمنڊ تاسارو“ جي خوبصورت عڪس جو ههڙو نياءُ هر ڪنهن وٽ ڪونہ ملندو. جنهن ۾ عڪس، احساس ۽ اظهار گڏجي تخليقيت جو ثبوت ڏين ٿا.

سمندر ۾ سپي پياسي
سپيءَ ۾ سمنڊ تاسارو.

هر شاعر وٽ تخيل جي پنهنجي رنگيني ۽ اظهار جو پنهنجو ڍانچو آهي. هو پنهنجي تخليق ۾ ساهه وجهي، سندس دل کي ڌڙڪائي ٿو ڪيس جيئدان عطا ڪري ٿو ۽ جِلا بخشي ٿو جنهن مان لفظ جوالا ٿي اُڀرن ٿا. هڪ ٻيو شعر بہ اوهان کي ٻُڌايان ٿو جيڪو فياض جي ذوق جي نشاندهي ڪري ٿو جنهن ۾ هڪ ئي وقت قافيي جي سونهن، خيال جي گهرائي ۽ احساس جي شدت آهي. جنهن جي مَٽيُن ٻن سِٽن ۾ تشبيه ۽ هيٺيُن ٻن سِٽن ۾ ترڪيب، ڪنهن سانوري ڳڇيءَ ۾ سوني ڳهہ جيان جرڪي رهيون آهن.

عُقابن جي اکين وانگي،
ستارن جون اکيون پاسن.
ڪڪر جون سانوريون ٻانهون،
اَمبر کي ٿيون ٻکيون پاسن.

ان کان سواءِ فياض شاعريءَ جي منزل ڏانهن جيڪو تخليقي سفر ڪيو آهي، ان ۾ ڪيترين ئي سُندر تشبيهون، ترڪيبون ۽ استعارا ساڻس هم سفر آهن. جڏهن اسان بہ ساڻن گڏجي سفر ڪرڻ لاءِ نڪرون ٿا، تہ سندن سرهي ساٿ ۾ سفر جي ٿَڪَ کي وِساري وک وک آسيس محسوس ڪريون ٿا. تشبيهن، ترڪيبن ۽ استعارن جا اهڙا ئي ڪجهہ عڪس اوهان جي اڳيان رکان ٿو.

’پٿر ـ شهر، سوال ـ شيشا، ديد ـ دارا، نيڻ ـ ڇپر، لُڙڪَ ـ ڇُڻاڪا، ننڊ ـ بدن، ڇپن جي چادر، خوشبو جو بدن، ياد جي دستڪ، سپنن جا نيڻ، تمنا تيز واچوڙو درد ـ لامون، يادن جا ريشم، نصاب پوڳڻ، ننڊ جا ٽاڪا هٽڻ، اُلجهيل سُٽُ آدمي، خواب جو خون ٿي وڃڻ، ننڊاکو چنڊ، اکين ۾ ڪيپن جو مُرڪڻ، هيٺئين جي لهر تي سار جو تَرڻ، مُرڪ ـ ڇپن جو رقص، شاعري دل جي مزدوري، مَسافت پنڌ آ واري ۽ جياپو نيڻ سپنن جا‘ وغيره. سندس ڪيترن غزلن جي قافيي ۽ رديف جي وچ ۾ تخيل ۽ استعارا ڏاڍي معنويت سان نِپايل آهن، پر ڪٿي ڪٿي استعاري جي معنويت ۾ ٿورو بار محسوس ٿئي ٿو ۽ اهو اَسياويڪ لڳي ٿو. مثال: ”درد جو پٿر“ تہ ڏاڍو خوبصورت استعارو آهي، پر ان جو ”پُرڻ“ معنوي لحاظ کان ڏکجي ٿو.

منهنجي دل تان درد جـــو پٿر
دوست! هڪڙو ڄڻ تہ پُري ٿو.

شاعريءَ ۾ خيال جي لاڳيتي مشق جي ڪري ڪجهہ لفظ شاعر جو تڪيو ڪلام بڻجي ويندا آهن ۽ هو انهن کي پنهنجي اظهار ۾ بار بار دهرائيندو آهي. جيتوڻيڪ انهن جي ٿيسٽ ۽ اُتساهہ پنهنجو پنهنجو آهي، پر لڳ ڀڳ انهن جي محاڪات ۽ موضوع ساڳيو آهي، تنهنڪري اهي ڪي قدر ورجاءُ ڏيکارين ٿا، انهن ۾ جانان، مجذوبي، سمندر، سمرتي، تِشنگي، اِڇائون، خانہ بدوشي، جوڳي، ڇهائن، مِرگهہ، ناڪئو، مدهوشي، تمنا ۽ ڪجهہ ٻيا.

ڪتاب ۾ ڏنل وائيون بہ اڄوڪي دور جي مروج وائين واري اڪثريت جون آئينہ دار آهن، جن ۾ اهي سيئي عڪس ۽ اولڙا موجود آهن، جيڪي نئين ٿهيءَ جي خاص شبيهہ کي ظاهر ڪن ٿا. مون اڳ بہ پنهنجي ليکن ۾ وائي تي تفصيل سان ڳالهايو آهي، پر هتي رڳو ايترو چوندس، تہ سنڌي ادب جي موجوده دور ۾ لکيون ويندڙ وائيون، ڪنهن نئين منزل جي دريافت جي ڪِڏ مسلسل سفر ۾ آهن. هاڻي ڏسجي تہ انهن کي ڪا منزل بہ ملي ٿي يا لاڳيتو پنڌ ۽ ان پنڌ جي پياس. اهي پنهنجي سڄاڻپ جي ڀرپور ڳولا ۾ آهن، اها ئي ڳولا نئين ٿهيءَ جي حيثيت ۾ فياض جي حصي ۾ بہ اچي ٿي. فياض جي وائين ۾ هڪ تجربو بہ ملي ٿو. اهو تجربو ڏاڍو ڏکيو ۽ تڪڙو هضم ٿيڻ جهڙو ناهي. ايندڙ دور ان کي قبول ڪندو يا نہ ۽ اڄوڪي ٿهي ان کي ڪٿي ٿي بيهاري، ان جو جواب تہ وقت ڏيندو، مان ان جي فقط نشاندهي ڪندس، جنهن ۾ هن ٻئي ستون 13ـ13 ماترائن جون رکيون آهن (جيڪي 12ـ11 هجڻ گهرجن) ۽ وراڻي بہ تيرهن جي آهي، جيڪا تہ ٺيڪ آهي، يعني ٽلهہ سوڌو 11 ماترائن واري سٽ غائب آهي ۽ وري قافيو بہ وراڻيءَ سان نياپل آهي. هونئن تہ وائي دوها ـ سورٺا ڇند جوئي تسلسل آهي، جنهن ۾ اسان وٽ اصلوڪي وائي وراڻي سوڌو 13 ـ 11 ـ 13 ماترائن تي لکي وڃي ٿي. مثال لاءِ فياض جي ئي هڪ وائي 13 ـ 11 ـ 13 ماترائن تي آهي.

پنڇي جيئن وينوا ڇي
اُجڙيل تاريءَ جا،
آتا نيڻ نري پيا.

جڏهن تہ ڇند وديا ۾ دوها ـ سورٺا ڇند کان سواءِ ٻيا بہ انيڪ ڇند آهن، تنهنڪري فياض جو هينيون تجربو جڻ تہ پنهنجو الڳ ۽ جدا ڇند رکي ٿو. جيتوڻيڪ هينئين تجرباتي وائي ڏيڍي ناهي ۽ نہ ئي عروضي آهي، پر لکيل ڇند تي ئي آهي ۽ ان کي ڇند کان ڇني نہ ٿو سگهجي، پر ان ڇند جو نالو ڪهڙو آهي ۽

ائين ڇو آهي؟ اهو فياض کي ئي طئي ڪرڻو آهي. سندس تجرباتي وائي اِجها هيٺئن آهي.

ڪوتا جي تاريءَ مان،
تنتو گل گلاب جو!
ذات ننگر ۾ تي ويو
خون ننڍاکي خواب جو،
تنتو گل گلاب جو!

بيت جي نياءَ ۾ هڪ ئي وقت، مقرر ٽيل ڇند، تجنيس، معنيٰ، خيال جي پختگي ۽ شاندار اظهار جي گهڻ رخي تقاضا رهي ٿي ۽ اها بہ انتهائي مختصر سٽن ۾. سندس وايو مختصر هجڻ ڪري يقينن مشڪل ۽ ڏکيو آهي. بيت اسان جي اوائلي، آڳاٽي ۽ ڪلاسيڪل صنف هجڻ باوجود اڄ ڏينهن تائين گهڻو ڪري منجهس مجموعي طور نواڻ ۽ جدت اچي نہ سگهي آهي. جيتوڻيڪ نئين ٿهيءَ جي ٿورڙن شاعرن ان ۾ ڇندن، رديفن، صنعتن ۽ موضوع جا ڪجهہ حسين تجربا بہ ڪيا آهن، پر بنهہ گهٽ، جنهنڪري مجموعي طور بيت اڃا بہ ساڳئي روايتي انداز ۾ لکجي رهيو آهي.

فياض جي بيت جو انداز بہ جيتوڻيڪ روايتي ۽ عام آهي، پر ان ۾ اظهار جي ڇڪ ۽ خيالن جي ندرت سان گڏ درد جي ڪيفيت بهرحال موجود آهي، جيڪي اسان کي پاڻ ڏانهن سڏين ٿيون ۽ انهن ۾ معنويت بہ آهي، مقصد بہ آهي، موضوعيت بہ آهي، ماحول بہ آهي، سرمستي بہ آهي، تہ مِناڻ بہ. پر بيتن ۾ گهڻو زور تجنيس حرفيءَ تي آهي، جيڪا اسان جي ڪلاسيڪل بيت جي سونهن بہ آهي، تہ جان بہ.

جانان! هاڻي آءُ تون، ننڊ ٿا نيڻ گُهرن
هينئين منجهہ هُرن، هر پل وارن آڱريون.

. . . .

آئينءَ تون جو اوچتو، ٻانهن ۾ ٻيهار
آرنپ تنهنجي اربيا، مون کي ڪوڙ خمار.
ساجن! تنهنجي سار، هينئون هٻڪارون ٿيو

شاعر پنهنجي دور جي حالتن کان اوس متاثر ٿيندو آهي، سماجي اڻ برابري ۽ معاشي توڙي معاشرتي استحصال کان ويندي، آفاقي آفتن تائين سڀ

وارتائون سندس دل ۾ دماغ تي گهري ڇاپ ڇڏينديون آهن. انهن جي اظهار لاءِ سندس اندر ۾ آنڌ مانڌ هوندي آهي ۽ هو اظهار لاءِ اتاولو بہ رهندو آهي، پوءِ ڀلي ڪيس موت ۾ سيج ملي يا سولي. جهوڪ واري جنگ کان وٺندي ڪرڙيءَ جي ميدان تائين ۽ شاهہ لطيف کان وٺندي خليفي نبي بخش تائين يا وري ون يونٽ کان وٺندي 2010ع جي مها ٻوڏ تائين ۽ شيخ اياز کان وٺندي فياض لطيف تائين، سيني جي اندر ۾ احساسن جي آوي ۾ جذبن جي جوالا ڀڙڪي ٻاهر نڪتي آهي، جيڪا سڀ ڪجهہ ساڙڻ جي شڪتي رکي ٿي. جيئن وڻ جي هڪ ڏار مان لکين ماچيس جون تيليون ٺاهي سگهجن ٿيون، پر ٻيلي کي ٻارڻ لاءِ ماچيس جي هڪ تيلي ئي ڪافي آهي. فياض جي ٻيتن ۾ دردِ دل سان گڏ دردِ دنيا بہ آهي. قبائلي جهيڙن جي باهہ ۾ سڙندڙ جانين کان وٺندي، مها ٻوڏ جي هاڃن ۾ اُٿندڙ درديلي دانهن کي هن نہ رڳو ٻُڌو آهي، پر انهن تي ڪيس جُهڳو بہ آيو آهي.

ويڙها ويرين ڀيليا، جهيڙن جهوري جندُ،
سُکِ نہ سنيري سنڌُ، اڄ صدي اتهاس ۾ !

ڪڏهن اُجاڙيا سوڪهڙي، ڪڏهن اُجاڙيا ٻوڏ
سنڌڙي سدا اوڏ، اڏيا مٽيءَ گهرڙا.

فياض لطيف جو پورهيو هڪ اهڙي جاميٽري باڪس جيان آهي، جنهن ۾ شاعريءَ جا گول، اڌ گول، گونيائون توڙي پلڪارون ۽ پينسليون پنهنجون آهن، جن کي هو پنهنجي ئي طريقي ۽ انداز سان ڇُهندو، نج پچ پنهنجي ئي لهجي ۾ لئہ جا زاويا ٺاهيندو ۽ ليڪون ڪيندو رهي ٿو. سندس خيالن جي هڪ کان ٻئي ڪهڪشان تائين پهچڻ لاءِ اسان کي روشنيءَ جي رفتار سان سفر ڪرڻو پوندو. مان هڪ اهڙو ئي سفر سوچن جي تيز ترين راڪيٽ تي پورو ڪري، اِجهو هاڻي ئي زمين تي لٿو آهيان ۽ هينئر وسرام جو سانباهو ڪري، ڪا ڊگهي ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿو، تہ جيئن انهيءَ سهڻي سفر جون سموريون حُسناڪيون پنهنجي سپنن ۾ سهيڙي ڪا گهري ننڊ ڪري سگهان.

لاڙڪاڻو
15 ڊسمبر 2012ع

**عادل عباسي**
0300-3430955
abbasi.aadil@gmail.com

# سدائين ڪوتا زخمَ پريا هِن

روز تو اُڊڙي پوان مان
روز ٿي تاڪا هڻي هوءَ
منهنجي دل آ چاڪ دامن
جڻ سِبياري آ ڪوِيتا!

آءُ جڏهن پنهنجي ٽيهہ سالا ماضيءَ جي راهن ۾ موٽ جي نظر ڦيرايان ٿو تڏهن درد ۽ تنهائيءَ جون تاريڪ راتيون، ساٿ ۽ مسرتن جا سُندر لمحا، انيڪ شامن جي دلڪش سحر ۽ پن پن جيان وکيري ڇڏيندڙ پهرن جون سَمرتيون ڪنهن اُداس ڪتاب جي ورقن جيان اڄ بہ منهنجي دل جي بادل ڪي ڏاڍو بي چين ڪري ٿيون ڇڏن، نتيجي ۾ خانہ بدوش نيڻن لاءِ ڏينهن تائين ننڊ جو آغوش ڳنڊن جي سيج بڻجي ٿو وڃي.

دل چوي ٿي، وقت جي صحرا ۾ وکريل پلن ۽ پهرن کي ميڙي، انهن مان آوارگيءَ جي بدن لاءِ ڪو آنند جو لباس اُڻجي، اوجاڳيل نيڻن لاءِ ڪو ننڊ جو آغوش ڳولجي، رُٺل راحتن جا ڪي پنڌ ۽ پيچرا پُڇائجن، ٽٽل خوابن جي زخمن کي وساري، روح کي ڪي گهڙيون چنڊ جي چاندوڪيءَ سان ريجهائجي، پر ڇا ڪجي.....؟ وقت ۽ حالتن کي بہ سمنڊ جيان پنهنجون صداقتون ۽ سرڪشيون ٿيون هجن، جيڪي هزارين هيلن جي باوجود ڪڏهن حاصلات جي هٿن مان ڇڏائي، الائي ڪهڙي پار اُڏامي وڃن ٿيون ۽ پويان حيرتن ۽ حسرتن جو اَجهاڳ رڻ ڇڏي ٿيون وڃن، جيڪو دل کي اڪيلي سِرِ عرصي تائين ڏورڻو ۽ پُوڳڻو پوي ٿو.

منهنجي لفظن سان پهرين آشنائي يا منهنجي آشنائيءَ جو انهن سان پهريون سُبنڌ تڏهن جُڙيو هو، جڏهن سالن کان زبان جي زندان ۾ قيد اقرار جي پنڇي، خاموشيءَ جون سلاخون ٽوڙي خيالن ۽ خوابن جي آڪاش ۾ اُڏامڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر جڏهن اظهار لاءِ لفظن جو ساٿ سنياريو هيم، تڏهن زبان

جي زنبيل ۾ موجود سيئي لفظ بي زبان ٿياسيا هيم. خبر ناهي احساس جي گلدان مان لفظن جا گل ڪيڏانهن اڏامي ويا هئا.....اندر ۾ آنڌ ماند ۽ بي چينيءَ جا انبار هئا. خيال ٽٽل مالها جيان وکريل هئا. دل عجيب درد سان ڀريل هئي ۽ اکين ۾ عجيب اداسي هئي. پر لفظ نہ ٿي مليا. جن سان اندر جي ڪيفيتن کي اظهاري سگهجي. نتيجي ۾ بي نانءُ خاموشي ۽ اداسي ڪٺي پنهنجي ڪمري جي ڀاڪر ۾ پاڻ کي ڪنهن وچايل ٻار جيان اچي اُڇلايو هو. ڏينهن ڀُڄاٽان جڏهن لفظن جون موسمون مون تي بارشن جو بدن ٻڌجي لٿيون هُيون. تڏهن دل جي ديوانگي وري خاموشيءَ جي دشت ۾ ڀٽڪڻ تي بضد ٿي پئي هئي.... لفظن بابت ڪبير ڪيڏو نہ سچ چيو آهي:

شبد شبد سب ڪوئي ڪهي، شبد کي هاٿه نہ پائون
ايڪ شبد اوشده ڪري، ايڪ شبد ڪري گهاو.

(لفظن جو متلاشي تہ هر ماڻهو هوندو آهي، توڙي جو لفظن کي نہ هٿ هوندا آهن ۽ نہ ئي پير، پر ڪي لفظ زخم ڀريندا آهن، تہ ڪي وري زخم ڏيندا آهن.)

اڻ اظهاريل لفظن جي اضطراب منهنجي پيرن ۾ آوارگيءَ جون اڻ ڪٿ مسافتون ڀٽاري ڇڏيون ۽ منهنجو جيءُ جوڳيءَ جي جاڳ ٻڌجي، ويراڳ جي واٽن ۾ آنند جا نيڻ ووڙيندو رهيو. پر ننڊ کان رُٺل نيڻ الائي ڪهڙي راهن جي ٻانهن ۾ وچايل رهيا ۽ آءٌ بي نشان پيرن پنيان تلاش جي تِشنگي کڻي عرصي تائين ڀٽڪندو رهيس. ان عرصي دوران منهنجي من جي ڪيفيت اڪثر بيدل سائينءَ جي هن شعر جهڙي رهي:

هم عمر با تو قدح ڪشيم، و نہ رفت رنج خمارما
چہ قيامتي کي نہ مي رسي زڪنارما بہ ڪنارما.

(عمر ڀر توسان پيالو پيتو پوءِ بہ اسان مان رنج جو خمار نہ ويو. ڪهڙي قيامت آهين، جو اسان جي ڀاڪرن کان اسان جي ڀاڪرن تائين نہ ٿي پهچين!)

خبر ناهي ڪڏهن ڪڏهن الائي ڪهڙي بي قراريءَ جي ڇٽنگ اچي منهنجي وجود جي دامن تي ڪِرندي آهي ۽ ڏينهن تائين منهنجون اکيون، اوجاڳن جو مضطرب بدن ٻڌجي ويندڀون آهن. آءٌ چاٽان ٿو تہ، پٿرن جي شهر ۾، شيشي جهڙي دل رکي، ثابت قدم رهڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ڪونهي، پر اهو بہ سچ

آهي، تہ سنگتراشن جي سنگ ۾ آئينہ گرن کي، اهنجن ۽ زخمن جو بدن ئي پلئہ پوندو آهي. صائب ڪيڏو نہ درست چيو آهي:

بہ نخل بار ور سنگ از دور ديوار مي بارد

اگر اهل دلي آماده شو صائب! ملامت را.

(هر ڦل دار وڻ کي پٿرن جو نشانو بنجڻو پوندو آهي. اي صائب! جيڪڏهن تون اهلِ دل آهين، تہ ان لاءِ هر گهڙي تيار رهہ)

دل ۽ لفظن جي ڪائنات جون رمزون مون لاءِ هميشہ انوکي محبوبيت ۽ مجذوبيءَ جيان رهيا آهن. جن کي توڙي جو عمر ڀَرِ سُلجهائيندي ڪيئي ڀيرا خود ئي اُلجهي ويو آهيان، پر پوءِ بہ جيون جي مسافت ۾ لفظن ۽ دل جي مجذوبي ئي سدائين مون لاءِ روشني ۽ رهبريءَ جو ڪردار ادا ڪيو آهي. ديوانگي جي دانشمندي ۽ دانشمنديءَ جي ديوانگي ئي هِن يزيد ـ جڳ ۾ هميشہ منهنجي خانہ بدوش دل ۽ معصوم محبتن جي حفاظت ڪئي آهي.....رستا ۽ راهون منهنجي جيون سفر لاءِ سدائين پرينءَ جي ٻانهن جيان رهيا آهن. مسلسل جدوجهد ۽ جستجو ئي مون لاءِ راحت جو باعث رهي آهي. سفر جو ٿَڪُ ئي مون کي آنند ۽ اُتساهہ عطا ڪندو آهي. جُڙي ڀَڃَڻُ ۽ ڀَڃي جُڙڻ جي عمل ئي سدائين منهنجي زندگيءَ ۾ رنگ ڀريا آهن.

راهہ زين ديده وران، پُرس ڪي در گرم روي

جاده چُون نبض تپان، در تن صحرا بي نند.

(غالب)

(رستي جو پتو انهن ديده ورن کان پُڇو جيڪي هڪ تتل نبض وانگر پنهنجي مسافت جي گس کي صحرا جي تن بدن ۾ پَسن ٿا.)

تشنگي ۽ حاصلات جي حُسناڪي مون ۾ هميشہ آنند ۽ آجپي جو اتساهہ پيدا ڪيو آهي ۽ ان پويان مون پنهنجي نيٽن جون ڪيتريون نندڙون وڃايون آهن، اُنَ جو ڪاٿو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. مون جڏهن بہ پيچرن ۾ پنهنجي مسافت جا پيرا ووڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، وقت ۽ حالتن جي بدحواس هوائن جا هٿ، انهن کي مِٽائڻ ۾ اَڳرا رهيا آهن. پر پوءِ بہ منهنجي جستجو ۽ جاڳ جا نيڻ ٿَڪَا ڪونہ آهن. آءٌ انيڪ واٽن تي ڀهرن تائين آوارگيءَ کان پوءِ، جڏهن بہ پنهنجي آشياني (پنهنجي ڪمري، جيڪو منهنجي وجود لاءِ پناهہ گاهہ ۽

آغوش جيان آهي) ڏانهن ورندو آهيان، اُتي هڪ عجيب آنند ۾ آجپو محسوس ڪندو آهيان. درد منهنجا دوست بڻجي ويندا آهن ۽ ديوارون مون سان ڳالهائينديون آهن. ڪمري ۾ چوطرف پکڙيل منهنجا ڪتاب مون کي تنها ٿيڻ نہ ڏيندا آهن، انهيءَ ڪري آءٌ جڏهن بہ ٽُٽُو آهيان، ثابت قدم ٿي تتو آهيان.

ماڻهوءَ کي پروڙڻ ۾ پُرجهڻ ڏاڍو اوکو آهي. انسان انيڪ روپ ۾ بهروپ ٿو رکي، جن کي سمجهڻ ۾ پرکڻ لاءِ وڏو تدبر ۾ تپسيا ٿي گهرجي. آدمي، جيڪو ڌرتيءَ تي هڪ اسرار جي گهري ساگر جيان آهي، جنهن جو ادراڪ آسماني وسعتن کي ويچاري هڪ مُٺِ ۾ سمائي سگهي ٿو، جنهن جي سوچ جي سرمستي سمنڊ کي مات ۾ جنهن جي آرزو جو تيشو پهاڙن کي بہ پرزا ڪري سگهي ٿو، ان ئي آدم ذات کي جڏهن ڪنهن سمي ڪو ننڍڙو ڪنڪر ئي ڀَڄي ڀُوري ٿو وجهي، تڏهن عقل ۽ فهم جون ڏهئي آڱريون اُلجهي ٽيون پون ۽ چپن تي خود بخود حافظ جون سِٽون تَري اچن ٿيون:

اسرار ازل را نہ تو داني و نہ من
وين صرف معما نہ تو خواني و نہ من
هست از پس ما پرده من و تو
چون پرده بُر افتد نہ تو ماني نہ من

(ازل جي اسرار کي نہ تو سمجهيو نہ مون. هيءَ ڳجهہ جي ڳنڍ انوکي آهي. تو ۾ مون جي وچ ۾ هڪ پردو حائل آهي، جنهن کي جيڪڏهن هٽائبو تہ، نہ تون رهندين، نہ مان.)

هيءَ دنيا، جنهن کي مون جڏهن بہ جاچنا جي جيءَ سان ڏٺو آهي، ان ۾ محبتن کان وڌيڪ نفرتون نظر آيون آهن، ايڪي کان زياده نفاق نظر آيو آهي، پر آءٌ چاٽان ٿو تہ ڪنول جو گل سدائين سينواريل ڍنڍ ۾ ئي ٽِڙندو آهي. تنهن ڪري مون کي جڏهن بہ خود غرضي ۽ لوڀ جي آڙاهہ کان سواءِ هن سود خور سماج جي نيٽن ۾ ٻيو ڪجهہ نظر نہ آيو آهي، تڏهن برتيند رسل جي هينين سِٽن جو پڙاڏو منهنجي من جي مسجد ۾ اميد ۽ نئين آجپي جي آذان بڻجي هميشہ گونجڻ لڳو آهي.

**"The world in which we exist will pass away, burnt up in the fire of its own hot passions and from its ashes will spring a new and younger world, full of fresh hope, with light of morning in its eyes".**

(هيءَ دنيا، جنهن ۾ اسان جِي رهيا آهيون، هڪ ڏينهن پنهنجي ئي ڪروڌ جي آڳ ۾ ڀسم ٿي ويندي ۽ ان جي خاڪ مان هڪ اهڙو نئون ۽ پُربهار جهان جنم وٺندو، جنهن جا نيڻ نئين امنگن ۽ صبح جي سندر روشنين سان منور ۽ سرشار هوندا.)

سماج ۾اڪثر ڪري ماڻهن کي ڪوڙ شيون ورثي ۾ ملنديون آهن. هاري کان وٺي لوهار، موچي، واڍي، ڪوري، سرمائيدار، فنڪار، سرجڻهار، معلم، مڪينڪ ۽ زندگيءَ سان وابستہ ٻين ڪيترن ئي شعبن جي ماڻهن جا مثال اسان اڳيان موجود آهن. صدين کان وٺي گهڻي قدر اها موروثيت منتقل ٿيندي رهي آهي، پر ان ئي طبقاتي سماج جو فرد هجڻ جي باوجود منهنجي قسمت جي ڪشڪول ۾ اهڙي ڪنهن بہ وکر جو سِڪو ڪونہ ڪِريو آهي. انهيءَ لاءِ ڇا چئجي....؟ ڪڏهن ڪڏهن گهڻو ڪجهہ ڇوڙ جي باوجود حصول جا هٿ خالي رهجي ويندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ بہ نہ اظهارڻ کان پوءِ بہ من کي هڪ عجيب تسلي ۽ تشفي ملي ويندي آهي ۽ مون پنهنجي باري ۾ بہ اڪثر ائين ئي محسوس ڪيو آهي.

منهنجي وجود جي بنجر زمين مان شاعريءَ جو گلاب ڪيئن سرجيو؟ منهنجي ساڃاهہ ۽ سرت کي اهڙن سُندر ۽ سُڳنڌ ڀرئي لفظن جو سُبنڌ ڪيئن مليو؟ منهنجي نيڻن کي سپنن جون سندرتائون ۽ سندرتائن جا سپنا ڪنهن عطا ڪيا؟ منهنجي خيالن ۾ خوشبوئن جو بدن ڪنهن مهڪايو؟ منهنجي اداسين ۾ آجپي ۽ امنگ جا رنگ ڀري، منهنجي روح کي راحتن ۽ روشنين سان ڪنهن آشنا ڪيو؟ منهنجي تخيل کي تازگي ۽ تازگيءَ کي رنگن جون رونقون ڪنهن بخشيون؟ منهنجي چپن تي لفظ، نغمن جو رقص ۽ نغما محبتن جو گيت ڪيئن بڻيا؟ ان کي بيان ڪري سگهڻ مون لاءِ جهڙوڪر ناممڪن آهي....ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سرمدي احساس کي اظهار ۾ اوتڻ ڪيڏو نہ اوکو ٿو هجي...!هڪ احساس جي سندرتا ۽ سندرتا جي سرمستي کي پُرجهڻ ۽ پرکڻ ڪيڏو نہ اڙانگو آهي، ان جي حقيقي سُڌ تہ صرف عارفن ۽ عشاقن کي ئي هوندي، پر مون جڏهن بہ ان سرت ۽ سندرتا جي سرمستيءَ جي احساس کي لفظن جي ساغر ۾ اوتڻ جي ڪئي آهي، مون جڏهن بہ ان خواب جهڙي حقيقت ۽ حقيقت جهڙي خواب جي

خوبصورتيءَ کي لفظن ۾ اظهارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مان سچ پچ ان ۾ سدائين ناڪام ئي رهيو آهيان.

منهنجي شاعريءَ ڏانهن لاڙي ۽ رغبت جو سبب شايد منهنجو مزاج ۽ حساسيت ئي هجي، پر جيتري تائين ورثي ۾ ماحول جي اثر جو تعلق آهي، تہ منهنجي سانپر جي عمر تائين مون کي ان جي پيري ۾ نشان جو ڪو پرو ڪونہ ٿو ملي. آءُ نصابي ڪتابن جو ڪيڙو ضرور هوس، ايتري تائين جو لائيٽ نہ هجڻ جي باوجود بتيءَ تي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙهڻ کان پوءِ ئي ننڊ جو آغوش نصيب ٿيندو هو پر ادب ۾ شاعري سان منهنجي ڪائي شناسائي ۽ ويجهڙائي ڪونہ هئي، پر پوءِ ڪوتا ـ ڪاڪ جي مومل سان منهنجي من جو ميڻدرو ڪهڙي پل موهہ جي رنگن ۾ رَتو ۽ منهنجي خيالن جو خالي پاند. لفظن جي گلابن سان ڪيئن مهڪيو. ان لاءِ ڪبير جو هي دوهو پيش ڪرڻ ئي مناسب سمجهان ٿو جيڪو منهنجي ڪوتا ـ سفر جي چڻ تہ سربستي ڪٿا بيان ڪري ٿو.

چندن اُڳيو بن پيڙ ۾، رِوُنکي هُئي من آس
مي پي چندن ٿيسان، چندن سُڳنڌي واس.

(بن ۾ چندن جو وڻ پيدا ٿيو جنهن جي سڳنڌ ۽ سندرتا پَسي، هڪ ننڍڙي ٻوٽي جي من ۾ چندن بنجڻ جي آس جاڳي.)

محبت ۾ معجزاتي طاقت هوندي آهي. پيار جڏهن دل جي دوار تي دستڪ ڏني، تڏهن سارو روح سڳنڌون ٿي پيو ۽ خيالن جو خالي پاند ڪوتائن جي پنکڙين سان پرجي ويو.

جيئن هن پوري ڪائنات جو مانڊاڻ، انيڪ ڪارٽن ۽ سپنن جو سحر رکندڙ آهي، تئين ئي احساسن ۽ جذبن جي دنيا جو بہ هڪ پنهنجو جهان هجي ٿو جنهن جي هر ساعت کي پنهنجي حقيقت ۽ حسناڪي ٿئي ٿي. ڪو وقت هو جڏهن ڪنهن پڪشوءَ جي ڪشڪول وانگر منهنجا خيال لفظن جي سِڪن جا متلاشي هئا. منهنجون آڱريون لفظن جي نفاست ۽ وشالتا کان ناآشنا هيون. منهنجي اِڇائن ۾ لفظن جي معما ۽ محبوبيت کي پائڻ ۽ پُرجهڻ جي عجيب آرزو هئي. مون خيالن ۽ خوابن جي ان مسافت ۾ آنند ۽ اطمينان بدران رڳو زخمن جو بدن ڪمايو...پر پيار جڏهن پنهنجي زلفن جا ڇانورا ڇوڙي، آرزوءَ جي آغوش ۾

آيو تڏهن نہ چاڻ لفظن جا نفيس ٿانَ ڪيئن قالين بڻجي، ڪوتا ـ ڪامڻيءَ جي پيرن ۾ پٿارجندا ويا. ڪنهن انگريز شاعر چواڻي:

“Love, divine spark, Love so rare, when it comes down to the earth wafted by eastern wind, men have spread the carpet of poetry beneath its tread.”

(محبت، جيڪا اَمُلهہ ۽ ڪائناتي جمال جو جلوو پَسائيندڙ هجي ٿي، جڏهن پورب جي هوائن سان ڌرتيءَ تي پير پڌاريندي آهي، تڏهن سندس قدمن ۾ ڪوتائن جو قالين پٿاري آجيان ڪئي ويندي آهي.)

منهنجي خيالن جي بي چين آڳرين، جڏهن لفظن جي نفيس بدن کي ڇُهيو، تڏهن ڪاغذ جي ڪئنواس تي منهنجي احساسن جا عجيب خواب ـ رنگ پکڙجندا ويا. ان پل آءٌ خود بہ پنهنجي انهن ڪيفيتن تي حيران هوس، پر انهن حيرتن جهڙي حقيقتن ۽ حقيقتن جهڙي حيرتن. آهستي آهستي منهنجي من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ گوشانشين گيڙو پوش ڪوتاڪار کي دريافت ڪري ورتو ۽ شاعري منهنجي اوجاڳيل ۽ بي چين آرزوئن لاءِ اهڙو حبيب هنج بڻجي پئي، جنهن کي آءٌ پنهنجي خيالن ۽ خوابن جون سموريون خوبصورتيون ارپيندو رهيس......وقت ۽ حالتن جڏهن بہ منهنجي راهن ۾ پٿر اُڇلايا آهن ۽ منهنجا پير پٿرن تي پيا آهن، تڏهن شاعري منهنجي زخمن جي بدن تي مرهم ـ پها رکيا آهن.

مڃان ٿو شاعري تخليقڪار جي هڏي جي مِکُ تي پلجندي آهي، پر مون لاءِ شاعري سدائين ان مهربان محبوبہ جيان رهي آهي، جنهن جي سنگ ۽ ساٿ منهنجي جيءَ ۾ جياپي جو ولولو ۽ مجذوبيءَ جو روح بيدار پئي ڪيو آهي. شاعري مون لاءِ فقط لفظن جي مالهائن ۾ خيالن جا خوبصورت موتي پوئڻ جو نانءُ نہ آهي، پر اها منهنجي آنند ۽ آچپي جو اهڙو جواز ۽ شناخت بہ آهي، جنهن جي بيان لاءِ سچ تہ، منهنجي لفظن جي پوري سگهہ ۽ اظهار جي سموري اميري اڻ پوري ٿي ڀاسي. شاعري حيرتن جو اهڙو جزيرو آهي، جنهن جي رازن ۽ رمزن، فهم ۽ فراست، حقيقتن ۽ حسناڪين کي پَسڻ ۽ پروڙڻ جو سُرور ئي پنهنجو آهي. الاهي ڀيرا مون کي ائين ڀاسيو آهي، تہ شاعريءَ کي مون نہ لکيو آهي، پر شاعريءَ مون کي لکيو آهي. شاعري منهنجي آچپي جو آنند، منهنجي خوابن ۽ خيالن جي پناهہ گاهہ ۽ منهنجي حيرتن ۽ حقيقتن جي محافظ آهي. تنهن ڪري اهڙي صداقت ۽ سرمستي، جيڪا مون سان هڪ ڏڍ ۽ احساس جي آٿت جيان رهي آهي، تنهن لاءِ مون وٽ بيان ۽ منطقي بحث بدران فقط اٿاهہ اُنس ۽ پيار جو عجيب احساس ئي

آهي، جيڪو اظهارِ بيان کان بهرحال بالا تر ۽ ممتاز آهي. ڀلا! خوبصورت ۽ آنند جهڙي سُرور کي ڪو بيان بہ ڪري سگهيو آهي ڇا؟

محبتن جي سُرور ۽ سُرور جهڙي محبتن کي صرف محسوس ٿي ڪري سگهبو آهي. محبوبن جي مسافت جي راهن ۾ ملاقاتي ٿيندڙ مہ جبين جهڙي شاعريءَ لاءِ آءٌ ڇا لکان؟ جنهن مون جهڙي ماڻهوءَ کي پنهنجي پيار جو ساٿ آڇي، آڇپي جي انوکي احساس سان آشنا ڪيو. جنهن منهنجي تخيل ۾ تشنگي ۽ تشنگي ۾ تڙپ جو بدن بيدار ڪيو. حقيقت اها آهي، تہ مون جڏهن بہ شاعريءَ جي جمال ۽ ڪمال بابت سوچڻ ۽ ويچارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مان حيران ٿي رهجي ويو آهيان.

مون جڏهن بہ شاعري ڇا آهي؟ ان جي سِرجڻ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ ۽ اها ڪهڙو سماجي ڪارج ادا ڪندڙ ٿي هجي؟ جهڙن سوالن کي سُلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تڏهن سچ تہ منهنجي آگهيءَ جون سيئي آڱريون سدائين اُلجهاءَ جي زلفن ۾ اُلجهي پئي ويون آهن. يقينن عالمن ۽ پارکو پُرشن وٽ انهن سوالن بابت ڪيترا ئي جواب ۽ جواز هوندا، پر ضروري تہ ڪونهي، تہ هر سوال جو جواب ۽ جواز ان سوال ۾ موجود صداقت جو جمال ۽ جولان بہ ڀسائي سگهي! ڪنهن سائنسي فارمولي جو جواب ۽ منطق تہ آسانيءَ سان سمجهي ۽ سمجهائي سگهجي ٿو پر ڪنهن گل جي سگنڌ ۽ سندرتا جي سوال جي جواب لاءِ وضاحتن ۽ دليلن بدران هڪ حساس دل ۽ نيڻن جي پُرجمال بصيرت جي ضرورت هجي ٿي. شاعريءَ جي ڇو ڇا، ڪيئن ۽ ڪٿي جي ڪارج بابت سوالن جا جواب تہ سوين ٿي سگهن ٿا، پر ان جي هر جواب ۾ انيڪ وضاحتن جي باوجود هڪ عجيب تشنگي ۽ طلب جي ضرورت رهي ٿي، جيڪا هزارين حيلن جي باوجود بيان ٿي وڃڻ بدران اڻ بياني رهجي ٿي وڃي.

ڇا ڪوئي ٻُڌائي سگهي ٿو تہ اداس راتين ۾ ڪينجهر جي پاڻيءَ تي رقص ڪندڙ چنڊ جي ڪرڻن جو ڪارج ڪهڙو آهي؟ گل جي پتين تي پوندڙ ماڪ ڦڙن لاءِ سدائين سج جا ڪرڻا ايترا منتظر ۽ پياسا ڇو ٿا هجن؟ ڪنول جو گل جڏهن سينواريل تلاءَ ۾ ٽِڙي ٿو تڏهن تلاءَ جي گدلاڻ کي بہ تازگي ڇو ٿي ملي وڃي؟ سورج مکيءَ جا نيڻ سج جي سجدي لاءِ ايترا بي چين ۽ اوجاڳيل ڇو ٿا رهن؟ سپي، سمنڊ ۾ موجود هئڻ جي باوجود ايتري منتظر ۽ پياسي ڇو ٿي هجي؟

ڪنارن جي ڀاڪرن ۾ سدائين سمنڊ جو بدن هڻڻ ڪان پوءِ بہ، انهن ڪي ڪهڙي تشنگي تڙپائيندي ٿي رهي؟ سنگتراش جي آڱرين ۾ ئي مورتيءَ جي تراش جو مقدر ڇو ٿو هجي؟ مصور جو برش ئي رنگن ڪي روح ۽ رونقون ڇو ٿو عطا ڪري؟ ڪنهن راڳيءَ جي آواز ۾ روح جي راحت ۽ راحت جو روح ڇو ٿو هجي؟ ڪوئي هڪ لمحي ۾ ئي اکين کي ايترو ڇو ٿو وڻي وڃي، جو ان ڪان سواءِ نيڻ ننڊ سان بہ نہ ٿا ريجهن؟ ٻوٽيل اکيون جاڳندڙ خواب ڇو ٿيون ڏسن؟ هجومن ۾ بہ من هيڪو ۽ هيڪلائيءَ ۾ بہ دل هجومن جهڙا احساس ڇو ٿي رکي؟ اهڙا ۽ ٻيا اهڙي قسم جا انيڪ سوال، منطق ۽ دليل بدران صرف محبت جي احساس ۽ احساس جي محبت جا گهرجائو هوندا آهن، ڇو تہ شاعري من جي ايڪانيت ۽ اڪيلائيءَ جو اهو محبوب ۽ سرمدي آواز آهي، جنهن کي خدائي صداقت جيان پنهنجي حُسناڪي ۽ حقيقت هوندي آهي، جنهن جي سحر ۽ ساحريءَ کي فقط اُهي دليون ئي پَسي ۽ پَرکي سگهن ٿيون، جيڪي موهہ جي مجذوبيءَ سان سرشار ۽ زنده هونديون آهن.

شاعري خوشبو جو بدن آهي. اها خواب ۽ خوبصورتيءَ جا نشيلا نيڻ آهي. شاعريءَ جي ڪلا ۽ ڪارج جو مفهوم، ان جي اظهار ۽ ادا جي حُسناڪي ۽ حقيقت ۾ سمايل آهي ۽ حُسناڪين جون حقيقتون، اهي نيڻ ۽ دليون ئي محسوس ڪري سگهنديون آهن، جن جي آرزو ۽ آجپي جو عشق جي امرت سان وضو ساريل هوندو آهي.

شعر برابر سِڪا ناهن، پوءِ بہ آهيون ڏنوان
ڪوئل ڪنهن لئہ ڳائي ٿي، سو ڇا سمجهن نادان!

(ادل سومرو)

جيتري تائين موضوعن جو تعلق آهي، تہ هِن پوري سنسار جو حُسن ۽ حقيقت، اضطراب ۽ آجپو منهنجي شاعري جي احساس ۽ اظهار جو موضوع آهن. مون لاءِ شاعري، لفظن ۽ جملن جي ڍڪاڏڪي بدران مجذوب دل جي اُمنگن ۽ آرزوئن جي احساساتي اظهار جو نانءُ آهي. متي جي سُڳنڌ ۽ محبوب جي جمال، هميشہ منهنجي جيءَ ۾ جذبن جي سمنڊ کي موجزن پئي ڪيو آهي. آءٌ شاعرن کي خيالي ۽ هوائي مخلوق سمجهڻ بدران ڌرتي ۽ زندگيءَ جي ڏکن، سکن جو عيوضي ۽ حقيقي مصور سمجهان ٿو. منهنجو اهو ايمان آهي، تہ شاعر ۽ آرٽيسٽ ئي

خوابن جي تعبيرن جا امين ۽ قومن جي تقديرن کي تبديل ڪرڻ جي شڪتي رکندڙ هوندا آهن. داغستاني شاعر رسول حمزه توف چيو آهي:

**“Poets are not migratory birds. A poet with out native land and with out heart and home, is tree with out roots, a bird with out nest”.(Rasool Hamztav)**

(شاعر خانہ بدوش پکين جيان نہ هوندا آهن. اهي شاعر، جن کي ڌرتي، دل ۽ پنهنجو گهر نہ هوندو آهي، اهي ائين هوندا آهن، جيئن بنا پاڙن جي وڻ ۽ بنا آکيري جي پکي هوندا آهن.)

حقيقت ۾ شاعري، ذات جي ڪٿا هوندي آهي. اها ہي ڳالهہ آهي، تہ ان ذات ۾ اجتماعي سچ ۽ صداقت جو روح سمايل هوندو آهي. مون پنهنجي آڄپي جي گس ۾ شاعريءَ کي سدائين خود شناسيءَ جو اهڙو پيچرو ۽ ماڳ پئي محسوس ڪيو آهي، جنهن جي مسافت ۾، طالب کان مطلوب ۽ مطلوب کان طالب تائين جي آگهي ۽ حاصلات موجود آهي. مون کي شاعريءَ جي سحر ۾ ان حُسنِ جانان جو جلوو ۽ عڪس جهلڪندي محسوس ٿيندو آهي، جنهن جي بدولت منهنجي دل جي ديد اڄ بہ آڄپي ۽ امنگ جي روشنيءَ سان پُرنور آهي. اهو ئي سبب آهي، جو منهنجي شاعريءَ ۾، اڪين جي اوسيئڙن، چنڊ جي وياڪلتا، روح جي رولاڪين، دل جي خانہ بدوشين، من جي مجذوبي، تن جي تشنگي، سمنڊ جي سرڪشين ۽ فطرت جي حُسن ۽ حقيقتن جو ذڪر ڪثرت سان ملي ٿو. مون لاءِ اکيون اهڙي آرسيءَ جو استعارو آهن، جن جي ديد ذريعي روح جي گهرائين تائين لهي، وجود جا سارا راز ۽ اسرار پَروڙي ۽ پُرجهي سگهجن ٿا ۽ سمنڊ مون لاءِ مجذوبيت ۽ محبوبيت جي اهڙي علامت رهيو آهي، جنهن جي جوت ۽ جمال ۾ زندگيءَ جي سرت ۽ سرمستي موجود هجي ٿي.

ڌرتي ۽ سرتي منهنجي شاعريءَ ۾ ائين موجود آهن، جيئن جسم سان روح ۽ روح سان جسم سنجوڳي هوندو آهي. منهنجي شاعري ۾ مٽيءَ ۽ محبوب جي خوشبو آهي. مون کي خبر آهي، تہ منهنجي شاعري ۾ قومي، مزاحمتي ۽ انقلابي سڏ ۽ پڙاڏن جي پرچار کان وڌيڪ رومانوي رنگ موجود آهن. اهو انهيءَ ڪري آهي، ڇو تہ محبت منهنجي نظر ۾ بذات خود وڏي مزاحمت ۽ وڏو انقلاب آهي. محبتون مون لاءِ اهڙي معجزاتي قوت رکندڙ آهن، جن جي دم سان ئي هن دنيا جو وجود نہ صرف قائم آهي، پر هن بي حس سماج ۾ سندر جياپي جي آٿت جو احساس بہ ان جي بدولت ئي ميسر آهي.

مون کي پنهنجي شاعريءَ لاءِ ڪائي دعويٰ ڪونهي، ان ڪري آءٌ پنهنجي ڪوتائن لاءِ نہ ڪنهن خوش فهميءَ جو شڪار آهيان، نہ ئي وري انهن بابت مون کي ڪائي غط فهمي آهي. مون جيڪو ڪجھہ لکيو آهي، پنهنجي داخلي ۽ خارجي حقيقتن کان متاثر ٿي لکيو آهي. منهنجي شاعريءَ جي هر سِٽ ۾ منهنجي آجپي، اوسيئڙي، آنند، بي چيني ۽ دل جي حضور جي شموليت سان گڏ ان خواب ۽ حقيقت جهڙي حُسنِ جانان جو احساس بہ شامل آهي، جنهن جي محبتن منهنجي آڱرين کي تخليق جي رعنائين سان روشناس ڪيو آهي.

جياپي ۽ جاچنا جي پنڌ ۾، منهنجي آرزوئن جيتري بہ مسافت ڪئي آهي، منهنجون ڪوتائون ان جي سرگزشت آهن. تخليق جي سفر ۾ منهنجي دل جو جيڪو پورهيو ۽ پريت شامل آهي، ان جي اجوري لاءِ پيار کان سواءِ منهنجي ٻي ڪائي طلب ۽ طمع ڪونهي. منهنجي پورهئي جو بهترين اجورو خود منهنجون ڪوتائون ئي آهن.

سواءِ گردِ راهِ شـــوق، کيا رکھا هي قصي مين
هماري زندگي خـــانہ بدوشون کي کهاني هي
کسي سي پوچھتي کيا هو جبينون پر نظر ڈالـــو
لکيرين خود کهين گـــي، کس ني کتني خاک چھاني هي.

(رفيع الدين راز)

آءٌ ذک، پيڙائن ۽ شديد مسرتن جي لمحن ۾ ڪجھہ بہ لکي نہ سگهندو آهيان، انهن ڪيفيتن ۾ منهنجي جيءَ جو بدن صرف پوڳنائون پوڳيندو ۽ منهنجو من مسرتن مان محظوظ ٿيندو آهي. اهي ڪيفيتون منهنجي خيال ۽ فڪر جي گهڙي کي مسرتن ۽ پيڙائن جي پاڻيءَ سان تمتار ڪنديون رهنديون آهن ۽ جڏهن مسرتن ۽ پيڙائن جا پريل بادل دل جي ويران رڻ تي برسي ويندا آهن. من آلي مٽيءَ جي خوشبو سان واسجي ويندو آهي. موسمن جا نيڻ مُرڪن سان ٻهڪي پوندا آهن، تڏهن منهنجي خيال ۽ تخيل جا پنڇي ڪاغذ جي آڪاش تي پرڙا ساهي اُڏامڻ لڳندا آهن.....شاعريءَ جون سموريون صنفون مون لاءِ پرينءَ جي آغوش جيان آهن، پر نظم منهنجي محبوب ۽ مرغوب صنف آهي، ڇو تہ نظم جي ساغر ۾ آءٌ پنهنجن جذبن ۽ احساسن جو امرت آسانيءَ سان اوتي سگهندو آهيان. نظم

مون لاءِ ان رباب جيان آهي، جنهن جي هر تار ۾، آڱر جي ڇهاءَ سان روح جي آواز ۽ احساس کي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ جي ڪوتا ڪيتر جي هيڏي وڏي قافلي ۾ منهنجي تخليقي مسافت جي وقعت ۽ حيثيت ڇا آهي يا پنهنجي هم عصر سرجڻهارن ۾ آءٌ ڪهڙي نمبر ۽ مقام جو مستحق آهيان؟ اهي سوال مون لاءِ ثانوي حيثيت جا حامل آهن، جن پويان مون ڪڏهن بہ پنهنجون قوتون ۽ صلاحيتون ڪونہ وڃايون آهن. نالي ۽ ناموس جي طلب انسان جي فطري ڪمزوري آهي، پر مون شهرت کي سدائين سراب پئي سمجهيو آهي ۽ ان پويان اجائي ڊوڙ بجاءِ مون هميشہ ڪوتائن لاءِ دل جي مزدوريءَ کي ترجيح ڏني آهي.

منهنجون ڪوتائون منهنجي قلبي وارتائن جو عڪس ۽ آئينو آهن. منهنجي ڏک ۽ مسرتن جا احساس منهنجي ذات جي داخلي ڪيفيتن، ڪرب ۽ خارجي مشاهدن ۽ محسوسات جو نتيجو آهن، پر جيڪڏهن اهي ڪنهن پُرش جي دل تي ڪنهن آٿت جي ٿڌي ڇنڊي جيان پون ٿا يا منهنجي شعرن ۾ موجود ڪيفيتون ڪنهن لاءِ تبديلي ۽ تازگيءَ جي احساس جي دستڪ جو سبب بڻجن ٿيون، تہ ان آنند ۽ پيار کان وڌيڪ مُلهائتو مون لاءِ ٻيو ڪهڙو احساس ٿي سگهي ٿو!

مان نہ ٿو چوان، تہ منهنجون ڪوتائون ڪو علاوالدين جو چراغ آهن، جن جي اپياس سان دل جي انڌن کي بہ ديد جي روشني عطا ٿي ويندي، پر پنهنجي ڪوتائن جي حوالي سان مون کي ايترو وشواس ضرور آهي، تہ اهي ڪنهن زنده دل انسان جي ياد جي بند دريءَ تي پيار جي دستڪ ۽ ڪنهن اداس متلاشيءَ لاءِ آٿت ۽ ڏڍ جو احساساتي سهارو يقينن ٿي سگهن ٿيون.

مون لاءِ شعر و ادب جي دنيا، اهڙي دنيا آهي، جنهن ۾ ئي مون سدائين پنهنجو آنند ۽ آجپو محسوس ڪيو آهي. آءٌ ڄاڻان ٿو تہ ادب جي دنيا اهڙن ديوانن جي دنيا آهي، جنهن ۾ نوٽن بدران دل جي دولت جو ڪار وهنوار هلندو آهي. توڙي جو مان اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ، اسان جهڙي ملڪن ۾ ادب ڪنهن جو پيٽ نہ ڀري سگهندو آهي، نہ ئي اهو ڪنهن اگهاڙي انگ کي ڍڪي سگهندو آهي، پر اهو بہ سچ آهي، تہ ادب، پيٽ بکين ۽ انگ اگهاڙن کي شعور ۽ آگهيءَ جي اهڙي سگهہ عطا ڪندو آهي، جيڪا پيٽ بکين ۽ انگ اگهاڙن کي، ڪيترن ئي پو ڍاون ۽ پوشاڪين کان، وڌيڪ اتم ۽ ممتاز بڻائي ڇڏيندي آهي.

اظهار ڪرڻ ۽ پنهنجن پيارن سان اندر اورڻ انساني فطرت ۾ شامل آهي. آءٌ پنهنجي ڪوتائن جو هي ڳٽڪو انهيءَ جذبي تحت ٿي ادب ۽ شاعري سان اُنس رکندڙ انهن سُڄاڻ ۽ سُماني دوستن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان، جن جون دليون اڄ بہ ڪنهن ديپ جيان، ڪنهن جي اوسيئڙي ۾ اوجاڳيل آهن. جن جي اکين ۾ اڄ بہ خواب، خوابن ۾ حسرتون، حسرتن ۾ حُسناڪيون ۽ حُسناڪين ۾ محبتن ۽ مسرتن جو احساس موجود آهي. جن جا نيڻ اڄ بہ ڪنهن محبوب نظر ۽ حسين منظر جا متلاشي آهن. جن جي آرزوءَ ۾ اڄ بہ ڪنهن چنڊ جي تمنا بي چين آهي ۽ جن جي احساسن ۾ لفظن جي روح ۽ جذبن جي سرمستيءَ کي ساڃاهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي سُرت موجود آهي.

آخر ۾ آءٌ انهن سڀني پيارن، خاص ڪري احسان دانش ۽ رياضت برڙي جو ٿورائتو آهيان، جن هن پيار جي پورهئي جي سهيڙ ۽ سنوار ۾ سهڪار ۽ محبتن جو ڀرپور هٿ ونڊايو آهي. پياري عادل عباسي جو پڻ احسان مند آهيان، جنهن انتهائي پيار سان هن ڪوتا ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي. رڪيل مورائيءَ جا پڻ وڏا وڙ جنهن ڪتاب جو بيڪ پيج لکيو. ڊاڪٽر ادل سومري، سعيد ميمڻ، امر اقبال، حبيب ساجد ۽ حبدار سولنگيءَ جا پڻ قرب، جن منهنجي شاعريءَ بابت پنهنجا قيمتي رايا تحرير ڪيا آهن، قربان منگيءَ، جنهن ڪتاب ڇپرائي پڙهندڙن تائين پهچايو ۽ آصف نظاماڻي، جنهن ڪِتابَ جي ڪمپوزنگ جو پورهيو ڪيو جا پڻ ٿورا. ايترا ئي قرب انهن پارکو پڙهندڙ دوستن جا، جن سدائين منهنجي تخليقن کي پيار سان پڙهيو پروڙيو ۽ انهن جي محبت ڀري موٽ ڏني آهي.

فياض لطيف
0300-3413275
fayazlatif7@gmail.com

ليڪچرر-سنڌي شعبو
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو

# نظمَ



هر شاعر آزاد آهي تہ هو پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ ڪنهن بہ صنف جي چونڊ ڪري. ان ڏس ۾ هن تي ڪا بہ پابندي ناهي. ادبي دنيا ۾ هڪڙي راءِ آهي، تہ ڪنهن ڳوڙهي فڪر يا ويچار کي مڪمل طرح بيان ڪرڻ لاءِ نظم بهترين صنف آهي. نئين ٽهيءَ جي سُڄاڻ شاعر فياض لطيف بہ پنهنجي فڪري اظهار لاءِ ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ نظم کي اوليت ڏني آهي. سندس نظمن جي وڏي خوبي اها آهي، تہ اهي پڙهندڙ کي هڪ سحر ۾ وڪوڙي ڇڏن ٿا ۽ پڙهندڙ خاموشيءَ سان لفظن جي لهرن ۾ لڙهندو ٿو وڃي ۽ آهستي آهستي هن تي خيالن جون دريون کُلنديون وڃن ٿيون. فياض لطيف پنهنجي شاعريءَ جي اُڻت ڪيترين ئي اهڙين اثرائتين تشبيهن، استعارن ۽ ترڪيبن سان ڪئي آهي، جيڪي ظاهر ڪن ٿيون تہ فياض ۾ هڪ سٺي ۽ منفرد شاعر جون سڀئي خوبيون موجود آهن. سندس شاعريءَ ۾ نواڻ ۽ تازگي آهي ۽ اهو ئي تخليقي گس هن کي اڳتي وٺي ويندو.

**_ ادل سومرو**

# پورهيت اکيون

عجب پورهيت اکيون پنهنجون،
عمر پوري ڪماياسين،
اسان سپنا رڳو جانان!

عجب مجذوب دل پنهنجي،
عجب هي آجپي ـ ٻانهون!
اوجاڳن جون هڙون ويچي،
خريديون سِين سفر راهون!

قرابت جي عجب دوري!
غضب احساس قربت جو!
سمندر ۾ سِپي پياسي،
سِپي ۾ سمنڊ تاسارو!

سندرتا ـ سانجهہ جي پويان،
حياتي پر رُليا آهن!
نظر جا نيڻ تي پاڳل،
هوائن سان گهُليا آهن!

سدا بي چين ئي رهيو،
بدن خانہ بدوشيءَ جو!

سدا سُڳنڌن پنيان رُليو،
هينئون پوپٽ جيان ماندو!

نہ پيرن جو پتو ڪوئي،
نہ راهن جي خبر ڪائي!
اِڃائن جي مسافت ۾،
رهيو بس روح سودائي!

وصل جا ڪي ٻہ ٽي لمحا،
هِجر جون هِن ڊگهيون راتيون!
اڪيلائي جي اَجگر ۾،
رهيون آٽت رڳو يادون!
رهيون آٽت رڳو يادون!

## فقير دل جي امير عادت

بُتن جي پوڄا نہ ٿي اسان کان،
نہ ديوتائن جو دشت پوڳيو.
عبادتن ۾ عمر گذاري،
رهيو ڏرم آ عشق پنهنجو.

نہ مسجدون، نا مُلان موراٽا،
نہ مندرن ۾ ڪيا نڪاٽا.
ٻڌائي پنهنجي قلب کي ڪعبو،
حُسن خدا کي ڪياسين سجدا.

يزيد جڳ ۾ حُسين وانگي
اسان سموري حيات ڪاٽي
قنديل پنهنجو وجود ڪيوسين
پتنگ جان پڄري آ رات ڪاٽي.

قلندرن جان آ روح پنهنجو
سرير وانگي سموري ڏرتي
ڇَپُو ڇَپُو آ چميءَ جي چاهت،
پرين جي خوشبو آ پوري ڌرتي.

نہ سياستن جي سُريت چاهي
ضمير بدلي نہ زر خريدي!
فقير دل جي امير عادت
جڏهن بہ چاهي فقيري چاهي!

سدا سوالن ـ صليب سامهون
مسيح وانگي جواب مُرڪيا
اسان گناهِ عشق ڪيو آ،
ڏمرجي ڏوهہ ۾ ثواب جاڳيا!
ڏمرجي ڏوهہ ۾ ثواب جاڳيا!

o

# اسان جو موهہ مجذوبي

اسان جي طلب ۾ ساحل
ڪٿي آهي رهيو جانان؟
اسان جي پياس کي گهرجي،
سمورو سمنڊ تو جانان!

اسان جي انتظارن جي
ڪٿي موسم ڪُٿي آهي؟
ملي آ روح ـ رولاڪي،
جئين ئي اک ڪُلي آهي!

خدا جان هيڪلايون ئي
رهيون هِن پاڻ سان ساٿي!
حياتي درد کان آجي،
ڪٿي آ پاڻ ڪا ماٿي!

اکين مان تو ليئا پائي
ازل کان ڪوئي اوجاڳو!
سدائين آرزو ـ بن ۾،
هينئون آ مِرگهہ جان پٽڪيو!

ستارن سان ڪيون آهن
سدائين پاڻ سرگوشيون!
ننڊاڪي چنڊ سان اوريون،
سدا هِن پاڻ مدهوشيون!

اسان جو عشق امرت جان
اسان جي پياس صحرائي!
اسان لئہ ڪُنڊ دل جي آ،
اسان جي ساري خدّائي!

سدائين هي هينئون بادل
رهيو آ راهہ ۾ آتو!
چپن جي تِشنگي جانان!
ڪٿي آ چِين ڪو پاتو!

اسان جو موهہ مجذوبي
صليبن سان سَنگم پنهنجو!
اسان جا خواب دنيا ۾،
پروميٿئس سندو سپنو!

سدائين لفظ ڪاغذ تي
رڙي هِن روح مان نڪتا!
سدائين دل جي ويراڳي،
رنگن ۾ روپ هِن تاڪيا!

اسان جو آجپو لهرون
ڪٿي آ ناوَ جو اُلڪو؟
اسان جي ديدَ ديواني،
ڪٿي آ گهاوَ جو اُلڪو!

مجون ٿا لوڪ آ سياڻو
ديواني دل جتي پنهنجي،
سدائين پاڻ آ پوڳيو!
سدائين پاڻ آ جهوڳيو!

مگر سا پوڳنا پنهنجي
اسان لئہ راهہ جان آهي.
اسان جي عاشقي آذر،
اسان لئہ ساهہ جان آهي!
اسان لئہ ساهہ جان آهي!

# ڪٿي آسار ڪي ساحل

لڙو آ سج پهاڙي تي
مهاڻي ناو ڪاهي آ.
هنئين جي لهر تي تنهنجي،
تري ڪا سار آئي آ!

پنا هِن نيڻ مُڪڙيءَ جا
پَنن ۾ پياس ٿي تڙپي!
هِجر جي راتڙي هيڪل،
پئي ٿي پونر جان پٽڪي!

ڪِڙيو آ چنڊ امبر تي
ستارا جڳمڳائن ٿا!
نديءَ ڪي ننڊ آهي پر،
ڪِنارا ڪجهہ ڳنائن ٿا!

پپر جو پيڙ ٿو سوچي!
مسافر ڪيترا آيا؟
تمنا تيز واچوڙو،
گهڙي ڪنهن پيرڙا ساهيا!

ٽٽيءَ جو پنڌ آ جيون
نہ ڪوئي منڌ آ جيون؟
پتڻ جو پُور هِن لمحا!

سمورا سُور هِن لمحا!

وُڻي جي واءَ جو جهونڪو
حياتي ڇاهہ؟ ڪو دوڪو!
نديءَ ۾ عڪس چانڊوڪي،
محبت ڇاهہ؟ او موڪي!

ڪٿي آ ننڊ نيڻن کي؟
ڏهر ۾ ٿو ڏيئو ٽمڪي،
مسافت دشت هي دنيا،
جوڳيءَ جي جاڳ آ دلڙي!

چنبيليءَ جي ڪٽي خوشبو
گُهلي ڪا هير جو آهي!
لڳي ٿو پنهنجي زلفن کي،
ڇڏيو ٿئي واءَ ۾ ڇوڙي!

تمنا جون تِڪيون لهرون
ڪٿي آ سار کي ساحل؟
وڳي آ روح جي رڃ ۾،
تنهنجي ئي پيار جي پايل!

ڪٿي آ سار کي ساحل!
ڪٿي آ سار کي ساحل!

## اڃين جي جلد آ جانان!

ڊسمبر آ ويو گذري
ٿان آ جنوري آئي.
پرينءَ کي چنڊ تون چئجان!
اسان لئہ سرد موسم هي،
سياندا آ ڪٽي آئي،
نِسورو درد موسم هي!

پرينءَ کي چنڊ تون چئجان!
ڏهاڳيل دل آ ڏينهن کان
سِڪن ٿا نيڻ ننڊ جي لئہ،
مگر ڪا آس جاڳيل آ،
پرين ڪا پياس جاڳيل آ.
اندر جي هر ڪلي ۾ ٿو
بهارن جو بدن پِٽڪي،
ڇُهائن جي مگر موسم،
ڪٿي آهين، ڪٿي آهين؟

پرينءَ کي چنڊ تون چئجان!
هينئون آ پور ٿيو هيڪل،
جِئين ڪو مور ٿي هيڪل،
تِشنگي ڊيل جان ماندي،
بِرهہ جون هِن پٿون پوڳيون.
سمونڊن جان سِڪيا آهن،
اسان جا نيڻ ساحل لئہ،
پرين! تنهنجي ئي پايل لئہ.

سماعتون منتظر آهن
۽ باتيون منتظر آهن!

پرينءَ کي چنڊ تون چئجان!
هجر جي رات هاڙهي جان،
ڏياتين جان ٻَريون آهن،
اسان جون خواهشون ساريون.
سڄڻ! تو لئہ چريون آهن،
اسان جون چاهتون ساريون.
اسان جي دل دمِ عيسيٰ
صليبن جان رهيو آهي،
اسان لئہ درد يادن جو!

پرينءَ کي چنڊ تون چئجان!
ٺري دل تي ٻڪروالي،
ڪڪر ٿي تون ڪڏهن ايندين؟
چپر ٿي تون ڪڏهن ايندين؟
ستارن سان سَنيهن جون
مُڪيون هِن ڪوڙ مالهائون،
اسان جون منتظر ٻانهون.
پرين! پت جهڙ جي موسم آ،
چٽڻ تي قول هِن سارا،
جدائي بي وڙي موسم،
زهر جان آ ڪڙي موسم،
اچين جي جلد آ جانان!
اچين جي جلد آ جانان!

# دل جي خانہ بدوشي

ڪيتري خانہ بدوشي،
دل بہ بادل جان ڪئي آ.
پنهنجي پيرن جي سفر ۾،
ڏرتتي ساري رهي آ!

عمر جي هيءَ خود خيالي،
صحرا رڻ ۾ جڻ سوالي؟
ڪهڙي تـڙ جي تشنگي ۾؟
ايتري ٻوڙي ٻڪي آ!

پير هيئيان هر سفر ۾،
ڇٽنگ جڻ ڪائي جلي آ!
چين پنهنجو ڪيئن ڇئجي؟
ڪا چندرما وئي ڪٽي آ!

ڪاڪ جي مانڊاڻ هن ۾،
روح راڻو رات ڏينهان،
نينهن ڪهڙي جي نشي ۾؟
يار پوڇيندو رهيو آ!
پيار پوڇيندو رهيو آ!

○

# دشت جو سفر دل لڳي

ايتري آوارگي ناهي چڱي!
مون چيو ديواني دل جي ديد کي.
دشت جو آهي سفر هيءَ دل لڳي،
ايتري پاڳل نہ ٿي، تون ايتري!

رج هن رستا سمورا سار جا،
گهاوَ آ سارو بدن ٺي خواب جو!
درد جي دلڪش مسافت زندگي،
ايتري پاڳل نہ ٿي، تون ايتري!

بُتَ متيءَ تي ڪر نہ بانور بي چئي!
ناوَ نازڪ نينهن تنهنجي جي مِٽي!
عشق آهي سمنڊ ڇڙ ساحل سوا،
هر لهر ڇپڙواڳ آ جنهن جي مِٽي!
ايتري پاڳل نہ ٿي، تون ايتري!

ڪاڪلن جان رات ڪاري چوڏسا،
چنڊ مندر جي ڏِيئي جان ٽمڪندڙ.
آگمن جان نيڻ آلا ننڊ جا!
سانت جو سارو سفر آ سرمدي،
ايتري پاڳل نہ ٿي، تون ايتري!

هر صدا زخمي پرندي جي اِڇا!
آڱريون بي چين ساريون آس جون،
راحتن جا پيچرا سارا ڪٽن،
حسرتن جي هر گھٽي آ هيڪلي،
ايتري پاڳل نہ ٿي، تون ايتري!

دشت جو آهي سفر هيءَ دل لڳي
ايتري پاڳل نہ ٿي، تون ايتري!
ايتري پاڳل نہ ٿي، تون ايتري!

o

# حياتي آ ڪنڍي تي ماڪ جو قطرو

حياتي آ ڪنڍي تي ماڪ جو قطرو!
جواني آ گلابي ڪنهن گلي وانگي.
سدائين سار تنهنجي ٿي سڏي پيئي،
اسان کي او پرين! تنهنجي ڳلي وانگي.

سجيلي آ سراپا مينهن جي موسم،
پهر جو آ سحر سنسار هي سارو!
نشيلي آ سراپا نينهن جي موسم،
قهر جو آ نسورو پيار هي سارو!

عجب آ حُسن هي هير جو جهونڪو!
سمندر جان اِڇائن جو سفر آهي،
لهر جان ٿي لُڙهي بي چين هيءَ دلڙي،
غضب آ، جو نگاهن جو سفر آهي!

نرالي ئي خمارن جان نظر آهي،
ادائن ۾ گهٽائن جو سفر آهي!
حياتي آ ڪنڍي تي ماڪ جو قطرو!
حَسين آ، جو وفائن جو سفر آهي!

## توڻ اڇيڻ ٿي...

ننڊ ڄڻ ڪائي ندي،
خواب ڄڻ آهن اڪيون!
لهر وانگي زندگي،
ساحلن جهڙيون سکيون!

عشق آهي سمنڊ جان
ساهه آهي ساحري!
ڄڻ امرتا لفظ هِن،
آرزو آ شاعري!

موهه آهي مَڌُ جي
ڪنهن پيالي پُر جيان.
جو رچي ويو روح ۾،
شاهه جي ڪنهن سُر جيان.

راهه ۾ آ رات پئي،
دل اسان جي بي چئي
ڪنهن جي ڳولا ۾ هئي؟
ڪنهن جي ڳولا هُن ڪئي!

چنڊ اُڀريو ڪونہ آ
ڪٽ ڪنارا سار ڪي!
هِن ستارا ننڊ ۾،
چين ڪونهي پيار ڪي!

چوطرف اُماس ۾
ديد تنهنجي آس ۾،
تو کي ڳوليندي رهي،
پياس ڪائي پياس ۾!

تون لڳين ٿي ايئن جڻ
ٻانهن ۾ آن ٻڪيل،
ساهه ڪان ويجهي ڪٿي،
روح منهنجي ۾ رچيل.

ٿي ٻُڌڻ ۾ جڻ اچي
تنهنجي چوڙين جي ترنگ،
جڻ سڳنڌن جان هجين،
تون ئي منهنجي سنگ سنگ!

نيڻ منهنجا اڏ کُليل
ٿا ڏسن توکي مِٺي!
تون اچين ٿي، تون اچين،
پير پيرن ۾ ڪٽي،
ڪامڻي، او ڪامڻي!
ڪامڻي، او ڪامڻي!

# اکين کي اوجاڳا ازل جا

اسان طلب تاتي سمونڊن جي سانئڻ!
اوهان بوند لئہ پيي صديون آ سِڪايو.
”اوهان جي قرابت، نہ ساحل نہ ڪشتي،
اسان پاڻ ٻوڙيو، ڪڏهن پاڻ تاريو!“

اکين کي اوجاڳا ازل جا ڏناسون
سدا ٿيون اِڃائون مسافت جون عادي،
چپن کي ڏنيوسين چميون آٿتن جون،
اسان رند روڳي، اسان آد ـ جڳادي!

هجومن جي دنيا ۾ هيڪل ئي هيڪل
ڪيونسين هميشہ پنن سين پچارون،
متي ۾ ئي صورت ڏني سون سدائين،
متي ۾ ئي مورت پَسيون سين نهارون!

خوابن جي خانہ بدوشيءَ وانگر
ڪڏهن جيءُ جوڳي، ڪڏهن من ٻهارون،
اڙي عشق! توتي ڏيون ڇا ميارون!
اڙي عشق! توتي ڏيون ڇا ميارون!

o

## تون امرتا! پر ڪٿي آن...؟

آءُ ساحر تنهنجو ساڳيو
تون امرتا! پر ڪٿي آن؟
جيءُ جنهن جي لاءِ ڀٽڪيو
تون اَجنتا، سا ڪٿي آن؟

اج بہ منهنجا گيت سانئڻ!
تنهنجي ساڳي آرزوءَ ۾،
ڪيترو بي چين آهن!
ڇڻ تہ ڪائي سَينَ آهن!
طلب جن ۾ تنهنجي ايڏي،
ڪوئي ڪاٿو ڪونہ آهي!
مون تہ ڇاتو ڪونہ آهي،
زندگي سان تو سوا ڪو،
منهنجو ناتو ڪونہ آهي!

جڏهن تہ پڪشو دشت ۾ ڪي
نيڻ پنهنجا جانِ جانان!
تنهنجي تعاقب ۾ رهيا هِن،
ڪيترا هي بي چيا هِن،
پير پنهنجا جن جي جيءَ ۾،
جاڳ جي ڪا آڳ آهي!
ڪيتريون تنها سفر جون
سرد ۽ بي سُرت راتيون
پوءِ بہ ساڳي آڳ آهي!
پوءِ بہ ساڳي جاڳ آهي!

پنڌ تنهنجي جون پُڇائون
هر قدم جي ٽيڙ تي ئي،
اڄ بہ آتيون تنهنجون ٻانهون،
منهنجي خيالن ۾ سدائين
ڪيتريون تازيون لڳن ٿيون!
پر ڪٿي آن، تون ڪٿي آن؟
او امرتا! تون ڪٿي آن؟
او امرتا! تون ڪٿي آن؟

# ڪٺون، جي نيڻ ڪٺئون ڪئن!

جفائن جو تِکو خنجر
وفائن جو بدن زخمي!
ڪٺون جي نيڻ، ڪٺئون ڪئن؟
نگاهن جو بدن زخمي!

اسان جي خواب ـ نيڻن ۾
روهيڙي جا رتا گلڙا،
خزائن جي مگر موسم،
اِڇائن جو بدن زخمي!

ڏکو آ درد جو رستو
پِٿون هِن پير پانڌيئڙا!
ڪئين ڪو سڌ وراڪو ٿي؟
پناهن جو بدن زخمي!

ڇپن تي ڇينَ جون ڳالهيون
اچن جي ڪئن اچن آخر؟
اندر ۾ ٿيون ڇُپن سارون،

صدائن جو بدن زخمي!

چوَنِ ٿا آ لٿي موسم
هُڳائن جون چڳون چوڙي!
پٽر جي شهر ۾ ليڪن،
هوائن جو بدن زخمي!
ڪٽون جي نيڻ، ڪٽئون ڪئن؟
وفائن جو بدن زخمي!
گهٽائن جو بدن زخمي!

o

# سدائين ڪوتا زخم پريا هن

جمال تنهنجو ڪمال جانان!
خيال تنهنجو خمار وانگي
اُجاري ٿر تي جئين ڪو آگم،
ائين تو ڪاڪل قرار وانگي!

سدائين دل آ رهي مسافر
سدائين پاڳل رهيون پُڇائون.
سمونڊ ۾ جيئن ساحلن جون،
سدا اُجاريون اسان جون ٻانهون!

سدائين پيرن آ پنڌ جهاڳيو
سدائين نيڻن آ ننڊ تياڳي.
سدائين سارون، پرين ـ پڇارون،
سدائين دلڙي آ نينهن ـ واڳي.

سدائين خوابن سندي خدائي،
سدائين من جون عجب اِڇائون!
سدائين راحت، اسان جي چاهت،
اسان جي منزل، اسان جون راهون!

سدائين ڪاغذ بدن رهيو آ
اسان جي آڱر سندو جياپو!
سدائين ڪوتا زخم پريا هِن،
اسان جي دل آ سچي ئي تاڪو!

ائين ئي گذريو اسان جياپو
سدائين خوابن سندي خدائي.
سدائين پيرن آ پنڌ جهاڳيو!
سدائين نيڻن آ ننڊ تياڳي!
سدائين نيڻن آ ننڊ تياڳي!

o

# تنهنجي ياد

جنهن وقت ٿي آڌيءَ رات ٺري
۽ چنڊُ مٿان ٿو ڇانوَ ڪري،
تنهن وقت هنئين جي ساگر ۾،
ٿي تنهنجي ياد جي ناوَ تري.

جنهن وقت ٻہ ڪوري ڪاغذ تي،
ٿي ڪوتا ڪوسا چپ رکي.
تنهن وقت اوهان جي نيڻن جي،
ٿي مون کي ڏاڍي ياد اچي.

جنهن وقت گهٽا گهنگهور ڪري
۽ بادل برسن شور ڪري،
تنهن وقت مٽيءَ آغوش منجهان،
ٿي مون کي تنهنجي مهڪ اچي.

جنهن وقت شفق جي ساگر ۾،
ٿو لهندڙ سج سنَان ڪري،
پُور وهيءَ ۾ جوين جوڙو،
ڪو سنڌوءَ ڀر ٿو شام ڪري،

تنهن وقت هنئين جي ساگر ۾،
ٿي تنهنجي ياد جي ناوَ تري!
ٿي تنهنجي ياد جي ناوَ تري!

٥

## ڪونج منڌ جي بي قراري

ڪيتريون آيون ويون هِن
ڪونج جهڙيون ڪامڻيون ڪي!
پياس جان پنهنجي جواني،
منڌ جيان هُون موهڻيون سي!

ياد جا لمحا سمورا،
ڪيترا پيارا لڳن ٿا!
جاڳ جي لمبي سفر ۾،
چڙ تہ ڪي تارا لڳن ٿا!

ٻار وانگي دل جنين سان
راتڙيون ريجهي رهي آ.
جيئڻ گل تي ماڪ قطرا،
زندگي پنهنجي رهي آ!

ڪا خبر ڪانهي تہ پنهنجي
آ ڪٿي منزل بہ ڪائي؟
ڪو ٺڪاڻو ڪا سهائي؟
دل رڳي آ درد پائي!

ديد پنهنجي آ ديواني
پيار پنهنجو آ پتنگو.
پنهنجي رقصم آ خدائي،
نينهن سرمد وانگي ننگو.

ڪيئن چئجي ڪنهن جي ڪارڻ؟
هيءَ بدن جي بي قراري!
ائين جُڳن کان منتظر ڇو؟
هيءَ اکين جي انتظاري!

روح پنهنجو لهر وانگر
ساهه پنهنجو سحر وانگر،
پر عمر پر لاءِ آتو
ڪوج ڪنهن جي ۾ رهيو آ؟
موج ڪنهن جي ۾ رهيو آ؟

# رقصم رقصم

سچل! تنهنجو سچ تہ اڄ پڻ،
ساڳي سورج وانگر آهي.
جنهن جو ڪِرڻو ڪِرڻو چڻ،
جنهن جو جهرڻو جهرڻو چڻ،
”اناالحق“ اقراري آهي،
رقصم روپ هزاري آهي!

تو جا ڪالهہ درازن ۾ هئي،
دولهہ چٽنگ دکائي ڪائي.
تجلا تنهن جا اڄ بہ ساڳيا،
بيشڪ سائين! برحق آهن.

سنڌءِ سنيهو سمنڊ سراپا،
سرڪش جنهن جون ساريون لهرون،
اڄ بہ ڪنارا ٻوڙن ٽيون، پر،
تڙ تي ڪوئي تارون ڪونهي!

ماکڙ وانگر پيلي وئي آ،
ننڍ ندوري ملڪ سڄي کي،
ماڻهو ماڻهو ماس جو طالب،
ڍونڍ دنيا تي مکين وانگر،
ميڙو آهي، جهيڙو آهي!
مٿي من ۾ مورت نوري،
ڪو ٻہ نہ ڄاڻي، ڪو ٻہ نہ پُرجهي!

سچل! تنهن جو سچ سنيهو،
تنهن لئہ پر سرمستي گهرجي!
هڪڙي سائين! هستي گهرجي،
ننڍ اُجهاڻل نيڻن کي جا،
جاڳ جي ڪائي جوت ڏئي ڪا!
ماڳ جي ڪائي ڳوت ڏئي ڪا!
ماڳ جي ڪائي ڳوت ڏئي ڪا!

○

# اکين ۾ خواب ٿو مهڪي

پنيان هُو سج پهاڙيءَ جي
لڳي ٿو روپ بيوهہ جان!
لڳي ٿو رات جي ماتي،
سندر هُو چنڊ ڪنهن ڳهہ جان!

عقابن جي اکين وانگي،
ستارن جون اکيون پاسن!
ڪکر جون سانوِريون ٻانهون،
امبر کي ٿيون ٻَکيون پاسن!

ٿڌي آ رات سياري جي،
وسي ٿي ماڪ مُڪڙين تي!
سمرتين جي ڪٽي خوشبو
هينئون ٿو هير جو پِٽڪي!

چُني آ رات جي ڦهلي،
مٽيءَ جو ٿو بدن مَهڪي!
نندراڪا نيڻ ناريءَ جا،
اکين ۾ عشق ٿو ٻهڪي!

اونداهيءَ ۾ ڪوئي پاڇو
ڇا لئہ ٿو پاڙ کي رولي!
هوائن ۾ هُڳائن جو
پتو هُو ڪير ٿو ڳولي؟
پتو هُو ڪير ٿو ڳولي؟

٥

# پرينءَ کي چئجو!

اسان جي جيون اُماس رڻ ۾،
جڏهن بہ جلندي ڏيئو ڏسو ڪو،
ڏکڻ ـ هوائون، ڏکڻ ـ هوائون!
وجي پرينءَ کي تہ هيئن چئجو:

”اسان جي هينئڙي اچا هُرن ٿيون،
اوهان جون باتيون، اُماس ـ راتيون،
اوهان جي ياڪر سندي آ ڳولا!
اسان جون ٻانهون، اچا بہ آتيون!

ڪٿي بہ جانان! قرار دل آ،
ڪڏهن نہ پاتو، ڪڏهن نہ پاتو،
اسان جو من آهہ راهَ ـ رمتو!
اسان نہ ڇاتو، اسان نہ ڇاتو!

رڳي رهيون هِن اوهان پچارون،
اَتو ئي ڪونهي، پتو ئي ڪونهي!
ڪٿي وساري، وجود ـ سارون؟
اسان رُڳا هون، اسان پُڳا هون!

اَجهاڳ پنڌ ۾ سدائين سرتي!
رهيو آ تو لئہ هي جوڳي جيئڙو!
متان تون سمجهين اکين اسان جي،
ڪڏهن ڪو آهي اُجهو اوسيئِڙو!
ڪڏهن ڪو آهي اُجهو اوسيئِڙو!“

٥

# ڪاش اياڻا ڄاڻين تون!

ڪوئي پنڇي جي پَرَ ساهي،
پڃري مان آزاد ٿئي ٿو.
منهنجي دل تان درد جو پٿر،
دوست! هڪڙو ڄڻ تہ پُري ٿو.

جيئن خزان جي خنجر سان ڪو،
ڪنهن ٽاريءَ مان گل ٽٽي ٿو.
ان جي ساري پيڙا جو ڄڻ،
منهنجي من ۾ درد ڇپي ٿو.

ڪنهن دڪيءَ جي نيڻن مان جي،
ڪوئي بيوس لڙڪ لڙي ٿو.
ساري هن سنسار جو ان ۾،
ڄڻ تہ ڪوئي ٻول ٻُري ٿو.

ڪوئي جي ڦٽ پاٽ تي ڦٽڪِي،
تنها تنها دم ڏئي ٿو.
ڪاش اياڻا! ڄاڻين، سو تون،
انسانيت جو موت ٿئي ٿو!

ڪوئي پنڇي، جي پَرَ ساهي،
پڃري مان آزاد ٿئي ٿو
منهنجي ساري هستيءَ جو ئي،
سوئي ڄڻ آواز ٿئي ٿو.
سوئي ڄڻ آواز ٿئي ٿو.

# دار تي دارا شڪوه

رسمِ وفا جي راهہ ۾،
ڪيئي ڪُنا ڪوپا ڪوي.
آ رات جي هر رَند ۾،
اڄ رَت سندي تن روشني.

هُو دار تي دارا شِڪوهہ
تِّني ۾ سرمد جي سِسِي.
خوشبو تنين جي خونَ جي،
تاريخ ٿي تنهن کي چُمي!

آڪاش جي آغوش ۾،
هُو چنڊ پيو آ آهلي.
ڏيئي وساٽل جان لڳي،
ٿِي جهوڪ جي هر ڪا ڳلي!

ڇو پيٽ ڌٽيءَ جي ديس ۾؟
ڪا رات آ ڪاهي پَئي!
ٿيون رت ڦڙا روئن اکيون،
زخمي پَيو آ روح ٿِي!

آ زندگي جي راهہ ۾،
جڙ زندگي رهجي وئي!
ڪائي تمنا روح جي،
آ روح ۾ رهجي وئي!

○

# تون ڇا چاهين؟!

ماڻهوءَ جي، جا مٽي ٿئي ٿي
ڳوڙهي ڳاڙهي چٽي ٿئي ٿي.
تو نہ ڪٽي ڪا رات اکين ۾!
تون ڇا چاهين چاهت چاهي؟
محبت چاهي، راحت چاهي؟

تون ڇا چاهين مورک ماڻهو!
پريت پريم جي پيڙا چاهي؟
تو نہ گلابن ـــ ٻوٽا پوکيا!
تون ڇا چاهين، تون ڇا چاهين؟
من جي لئہ ڪنهن مندر جان آ.
يار جي جيڪا گهٽي ٿئي ٿي!

جڳمڳ جڳمڳ ڏور ستارا،
آڪاش منجهان واجهائن ٿا،
سار پرين جا لمحا سارا،
تن من منهنجو تڙپائن ٿا!
بي حسَ کهڙي ڳالَ تہ چاهي؟
پيار جي جيڪا مِٽي ٿئي ٿي!

جيون جي هِن ٻاٽ نگر ۾
عشق اُجالن وانگي آهي!
”هُن“ جي ساٿ جو خيال بہ ڄڻ ڪو
مڌ جي پيالن وانگي آهي!

غمِ جدائيءَ ۾ هم رازو!
زخمي دل لئہ مرهم وانگر،
محبوبن جي چِٺي ٿئي ٿِي!
من جي لئہ ڪنهن مندر جان آ،
يار جي جيڪا گهٽي ٿئي ٿِي!
يار جي جيڪا گهٽي ٿئي ٿِي!

o

## اوءِ اياڻا! ڇا ٿو چاهين؟

ڪارونجهر ڪي پٿر ماري
اوءِ اياڻا! ڇا ٿو چاهين؟
موت نہ جنهن کي ماري سگهيو،
ان کي تون ٿو مارڻ چاهين!

ناهه اڃا ٻي پوڙهي هڏڙن،
پنهنجو رت ۽ ست وڃايو!
گيت اڃا ٻي رت رتولا،
اڃا نہ راڳيءَ ڪت وڃايو!

ڪنڌ اڃا ٻي اوچو ان جو
جنهن کي تون ٿو جُهڪائڻ چاهين!
لفظ جوالا مُکي جنهن جا،
تنهن کي تون ٿو اُجهائڻ چاهين!

توکي کهڙي ڳالهہ او ڪانئر!
جنهن تي ٻيائي، ڇانوَ هجي ٿو.
مور نہ سوئي مِٽجي سگهندو،
جيڪو سنڌڙيءَ هانوَ هجي ٿو.

ڪيسين بندش، ڪيسين پهرا؟
چوٽي جابر چار ڏيهاڙا!
مٿي ترڪيءَ تي واءَ جو ڦوڪو،
اوندهہ پوڻان سج آ لوڪو!

ڪوتا جي نگريءَ ۾ چوڏس،
جنهن جي جوت جو سج جرڪي ٿو.
مورک! ان جي جوت جلا ڪي،
ترڪيءَ هيٺان ٿو وارڻ چاهين!
ڪارونجهر کي پٿر ماري،
اوءِ اياڻا! ڇا ٿو چاهين؟
اوءِ اياڻا! ڇا ٿو چاهين؟

o

(سکر ۾ شيخ اياز جي لائبرري سان وردي وارن جي هٿ چراند ڪان متاثر ٿي لکيل)

# ڪيئن ڪري ڪوئي مسافر...!

عمر ڀر جي آرزوءَ ۾،
هڪ ئي سندر عاشقي آ.
خواب ساگر جي سپن جان،
چڙ تہ موتي زندگي آ.

هر سفر جو توڙ آهي،
تند هڪڙي تار جي چڙ.
من اندر جون موسمون سڀ،
هر گهتي آ يار جي چڙ.

ڏنڏلي ڪنهن درسني جان،
عقل جون سڀ آڱريون هِن!
اُلجهيل سُڻُ آدمي آ،
روح ۾ سڀ روشنيون هِن!

طلب تي اُٿندي رهي ڪا،
جسم ڪوئي تشنگي جو!
ننڊ جو ليڙون لٿو ڪو،
چڙ ڏکي جاڳيل اکيون ٿو!

پور آهي چڙ پتنگو،
سور آهي سمنڊ وانگي.
ناو وانگي دل جنهين ۾،
پرتِ جو ساحل تي ٻولي!

ڪيترا طوفان ئي جڙ،
تَنهن جي تعاقب ۾ لڳل هِن!
پنڌ ۾ هر پير هيٺان،
ڪيتريون چوڙيون پڳل هِن!

ڪِٿن ڪري ڪوئي مسافر،
ڇانو وڻ جي ڪي ڇپر ڪو!
وقت آهي سمنڊ وانگي،
جنهن کي ڪونهي، پر ڪپر ڪو!

تيز پيو هر پل بدلجي،
لهر جهڙو هي سفر آ،
ڦهر جهڙو هي سفر آ!
ڪِٿن ڪري ڪوئي مسافر!
ڪِٿن ڪري ڪوئي مسافر!

o

## تون سحر جون ڪي صراحيون

شبنمي جان تون او سانئڻ!
آءُ چڻ ڪو گل خزان جو!
تون ڏکڻ جي هير وانگر،
آءُ چڻ ڪو پل سنجها جو!

تون صبح، تون سانجهہ آهين،
تون ئي جهرٽو، جانجهہ آهين.
سمنڊ تنهنجي آ سندرتا،
تون ڪويتا آن سراپا!

رنگ تنهنجا رت ـ بسنتي،
روپ تنهنجو چاندني جان.
تون وٺيءَ جو واءُ سرهو،
من منهنجو تشنگي جان!

مان صدا ڪا سانت جي ۾
تون مڌر آلاپ جهڙي!
مور ـ من ٿي منهنجو موهي!
ٿور تنهنجي ڍيل جهڙي!

مِرگهہ وانگي جيءُ منهنجو
تون سحر جون ڪي صراحيون.
آءٌ راهي رات جو ۽
چاندني سپ تنهنجون راهون!

مان مسافر دشت جو ۽
تون سدائين آن گهٽائون!
آتا چپ بي چين ٻانهون،
چاندني سپ تنهنجون راهون!
چاندني سپ تنهنجون راهون!

o

## تنهنجي مهڪ اڃا به آ

منهنجي من تي ياد سندءِ،
شام چپن تي سج چمي!
وينگس! تنهنجي ٻانهن جي،
ڪيئن وساريان آڇ اُڃي!

تنهنجي تن جي خوشبو جا
وسريا ناهن واس اڃا!
اڄڙي آنهہ اماوس ۾،
اڄ بہ اٿم سا آس اڃا!

تنهنجي جوڀن پيالي مان،
موهہ جو مڌ هو مون پيتو.
اڄ بہ تازو خيالن ۾،

## تنهنجي مرڪن جو موتيو!

روز تصور شيشي ۾،
سامهون آهي سو چهرو.
مون سان هارڻ ملي وئي آن،
سُڌِ - پڌي تي ياسي ٿو
تنهنجو پيرو جهڙ تازو!

ڪيئن ميان تون هُئين سپنو!
منهنجي اُپٽيل نيڻن جو.
مهڪ اجا پي تنهنجي آ،
تازي منهنجي ساهن ۾!
تڙپ اجا پي تنهنجي آ،
منهنجي آتي چاهن ۾!

o

# ان ڪان اڳ ۾

ڪڏهن جي تنهنجي تنهائين ۾،
منهنجي ياد جا آتا پنڇي،
پنهنجا زخمي پر ڦڙڪائي،
سنڌءِ آسڻ اچن جي سائڻ!
ان ڪان اڳ ۾، ان ڪان اڳ ۾،
پنهنجي پريت، پريم ـ نگر جون،
سڀّ دوار دريون ٻوٽي ڇڏجان!

ننڊ ـ شهر جا لنگهہ لتاڙي،
سانت ـ ڳليءَ مان آڏي ويلي،
ڪڏهن اچن جي منهنجا سپنا،
ان ڪان اڳ ۾، ان ڪان اڳ ۾،
پنهنجي نيڻن سپني ـ گهر جون،
سڀّ دوار دريون ٻوٽي ڇڏجان!

ورق ورائيندي ماضيءَ جا،
چِت چُپيئي ڪا ڇُهنڊي جي،
ان ڪان اڳ ۾، ان ڪان اڳ ۾
پنهنجي ياد ـ سفر جون،
سڀّ دوار دريون ٻوٽي ڇڏجان!

تنهنجي سونهن گلابن تي جي،
جانان! اچانڪ اچن اُڏامي،
منهنجي گيتن جا ڪي پوپٽ،
ان ڪان اڳ ۾، ان ڪان اڳ ۾،
پنهنجي جوڀن سونهن ـ شهر جون،
سپّ دوار دريون ٻوٽي ڇڏجان!
سپّ دوار دريون ٻوٽي ڇڏجان!

o

# تون جا اڇٽي آهين

هن جهڙالي شام پهر ۾،
ڪيڏو من آهي وسمئي ۾!
تنهنجو ساٿ نہ آهي سرتي!
پوءِ بہ ڇڻ آهين سيني ۾!

پوياڙيءَ جو لهندڙ سورج،
آءُ اڪيلو تنهنجون سوچون.
ڪهڙي پار پرين تون آهين؟
ڪهڙي پار پرين تو لوچون!

ڪيڏي اُتتڻ اوسيئڙو آ،
آ تنهنجي دڳ ۾، ديد تنگيل!
تون جا، منهنجو امرت آهين،
۽ تون جا منهنجي ذات رڻل!

تنهنجي اوسيئڙي ۾ سرتي!
گل نہ سي مرجهايا آهن!
جي مون دل جي گلدستي ۾،
تنهنجي لاءِ سجايا آهن!

نيڻ ننڊاڪا ٻوٽيا ناهن،
اڄّا ٻہ ننڊ جي ڀاڪر ۾،
تون جا اڄ آن اڇڻي جانان!
منهنجي ٻانهنِ جي آڳر ۾!

اڄ جا آهين رڇڻي جانان!
منهنجي گيت گلابن ۾ تون.
منهنجي موهہ حجابن ۾ تون،
منهنجي رات خوابن ۾ تون.

اڄ جا آهين اڇڻي جانان!
ڪيڏو من آهي وسمئي ۾!
ڪيڏو من آهي وسمئي ۾!

○

# تون ئي مايا جو موتي

تنهنجون راهون روز تڪينديون،
منهنجا نيڻ پيا هِن ٿڪجي.
پٿڪي رج وڇوڙي جي ۾،
منهنجا پير پيا هِن ڦٽجي!

ڪيسين تنهنجي اوسيئڙي ۾؟
آس جا ديپ جلايان جيڏي!
ڪيسين تنهنجي سپنن سان مان؟
پنهنجو روح رِجهايان جيڏي!

خواب تہ ناهين نيڻن جو تون
جنهن کي آءُ پُلائي ڇڏيان!
لڙڪ تہ ناهين پلڪن جو تون،
جنهن کي آءُ وهائي ڇڏيان!

تون منهنجي جيون - تاريءَ ۾،
ڇڻ تہ گلابن وانگر آهين!
تون منهنجي تخيل - ڌرتيءَ تي،
ساپيان - خوابن وانگر آهين!

سو ڪئن آءُ وساري ڇڏيان؟
تو جنهن منهنجي جيون – بن ۾،
ڪا جوت جلا جي اوتي آ،
منهنجي حياتي - سپ ۾ سانئڻ!
تون ئي مايا جو موتي آن!
تون ئي مايا جو موتي آن!

○

# پوڄاگر جي پريم جو پٽر

موت جي جاڙي پيڻ جيان آ،
هيءَ ننڊ جي ڪاري ڪانويلي!
جا جيون موتي - داڻن ڪي،
پنهنجي چهنب ۾ روز چُڳي ٿي!

هن وقت جي سرڪش گهوڙي جي،
ڪيڏي ٿي اُڏامي پير - پٽي!
رات اوجاڳيل چنڊ تڪي ٿو،
پنهنجا خمّاريل نيڻ ڪٽي!

جڻ ٽُڪريون ٽُڪريون ٿي پيو آ،
درد جي ڏڪ سان دل جو شيشو!
۽ وکريو پيو آ ڌرتيءَ تي،
وشواسن جو پتّو پتّو!

روشن جيڪا آ هيءَ رات،
تنهن جي سيني منجهه چُڀي ٿو،
هر پل سيّاهي جو خنجر،
اي ڪاش اياڻا! ڄاڻين تون،
پوڄاگر جي پريم جو پٽر!
پوڄاگر جي پريم جو پٽر!

○

## هوا ۾ آهي ڳاءُ تنهنجو

تنهنجي دڳ ۾ ديد اسان جي،
ائين ازل کان آتي آهي!
جئن ٿر جي ڌرتيءَ جي هوندي،
پياسي بوند لئہ ڇاتي آهي!

من اسان جو ميت اوهان لئہ،
ريتن جا سڀ توڙي رشتا.
تنهنجي در تي آيو آهي،
گل ڪٽي ڪي رابيلن جا.

سرتي! تنهنجي چوٽن جو ڇڻ،
رات هڳاءُ هوائن ۾ هو!
وئي ننڊ رُسي هئي نيڻن کان،
هو چاهہ چورائي چين ويو!

سِٽ لِکي آ جيڪا سائڻ!
مون آڌيءَ ننڊ مان ڇرڪ ڀري.
چنڊ جي چانڊوڪي ۾ تون ڇڻ،
مون وٽ آئي آن ڀير ڀري!

مون کي پڪ آهي ايندينءَ تون،
آڌيءَ ويلي اوجاڳن سان،
۽ پنهنجي ڦوهہ شبابن سان،
تنهنجي آڌرياءُ لئہ مون وٽ،
اڄ بہ اڄ اَڄاتي آهي،
اوسيئڙي جي راهہ ۾ تولئہ،
منهنجي ساري حياتي آهي.

o

## اڃايل هرڻ جان هردم

دنيا جي دشت ۾ ڀٽڪي،
اُڃايل هرڻ جان هر دم،
پناهون پيار جون ووڙيون!
نگاهون يار جون ووڙيون!

اٽانگي ڪنهن سفر گس تي،
ڪٿي ڪو پير جي ڦِڙڪيو،
پُڇائون پيار جون ووڙيون!
۽ ٻانهون يار جون ووڙيون!

لٿو سج شام جي هنج ۾،
سمرتيون سانجهہ جيئن آيون،
لڙي پيا لڙڪ نيڻن مان،
صدائون سار جون ووڙيون،
پناهون پيار جون ووڙيون!
۽ راهون يار جون ووڙيون!

o

# آزادي او آزادي

سج آ نيزي پاند او سرتي!
ٿي پيرن هيٺيان باهہ ٻَري،
پنهنجي امرت اوت مان ڏي تون،
ڪو مون کي هڪڙو جام ڀَري،
او آزادي، او آزادي.....!

تنهنجي سُنت جي رستي تي،
ٿي جڳمڳ جڳمڳ جوت جلي،
هڪ روشن صبح جي خاطر،
ٿو رات ڏيئي ۾ رت ٻري،
او آزادي، او آزادي.....!

ڪالهہ ڪراڙ ڪنڌيءَ تي ويهي،
جنهن باک جي ساک تي شاهہ ڏني،
اڄ ڏور انڌيرن جي ڪُڪِ مان،
ٿي وک وک تي هڪ لاٽ ٻري،
او آزادي، او آزادي.....!

جنهن وقت بہ ٿي سرِ طلب صنم!
لال لهوءَ جو ريج لتاڙي،
ها! اڄبو اوچو ڳاٽ ڪري،
پنهنجي امرت اوت مان ڏي تون،
ڪو مون کي هڪڙو جام ڀَري،
او آزادي، او آزادي.....!

٥

## ڪو بہ نہ ڄاڻي

ڇا دل جي پياسي هرڻيءَ جي،
ڪو واڳ ورائي سگھيو آ؟
ڇا ننڊ اُجهاڻل نيڻن جي،
ڪو جاڳ ورائي سگھيو آ؟
هيءَ ساري هستي ماڻهوءَ جي،
گهري اونهي سمنڊ جيان آ.
سمنڊ جنهين جي هر هڪ ڇولي،
چوڏهين اُجري چنڊ جيان آ.

سوچ بہ جڻ تہ صراحي ٽئي ٽي،
جنهن مان پوري پياس جو امرت،
اڄ تائين ڪنهن پاتو ناهي!
آ دنيا ديد آئيني جي،
جنهن کي ڪنهن پي ڄاتو ناهي!
هو چنڊ اڪيلو آڏيءَ جو
ڪينجهر پر تي ڪنهن جي ڪارڻ؟
اپري اوسيئڙو ٿو ڪاٽي!
روز سياهي جي سيني مان،
ءِ هو سورج ڪنهن جي ڪارڻ؟
نڪري نروار ٿِئي ٿو پيو!
ڪنهن جي ڪاڻ جِئي ٿو پيو؟

ڪو بہ نہ ڄاڻي، ڪو بہ نہ ڄاڻي،
ڳُجهہ جي ڳنڍ انوکي آهي!
موت جي مٽيءَ ۾ پر ڪنهن؟
موهہ حياتي پوکي آهي!
موهہ حياتي پوکي آهي!

٥

# تنهنجا نيڻ چمان

ڳِهنڊ وَڄن چوڏار اجا ٿا
موهي ٿي مهڪارِ اجا ڪا
دل چاهي ٿي ڀيهار اجا
نوري! تنهنجا نيڻ چمان مان.

موت اڳي پوءِ اچڻو آهي،
ميل نہ ڀيهر مچڻو آهي،
تنهنجي ڳل تي اڄ ڪان پو ڪو
رنگ نہ منهنجو رچڻو آهي!

چانوَ شفق ۾ تنهنجي ڊونڊي،
ڪينجهر هنج تي هوندي ٻيڙي جي،
مان تہ نہ هوندس، مان تہ نہ هوندس!
چنڊ ستارا ساڪي هوندا،
سونهن نظارا باقي هوندا،
مان تہ نہ هوندس، مان تہ نہ هوندس!

موهہ آ پيالو مڌ جو اهڙو،
ڪو بہ پياڪو پيتي ان مان،
ڪڏهن بہ جانان! ڊايو ڪونهي!
ٿوهر وڻ جان آهي حياتي،

پيار بنا ڪو سايو ڪونهي!

ائين الئہ ڇو مون کي لڳي ٿو؟
تنهنجو هي آغوش آهي جو
جنهن ۾ منهنجي ساري هستي،
موتئي جي ڪنهن مکڙي وانگي،
ٽڙي پئي آ، ڪڙي پئي آ،
تنهن جو پل ئي ڪافي آهي،
جنهن ۾ پيو ٿو آئون جيئان.

ليڪن پياري! پو بہ الئہ ڇو؟
پياس ٿئي ٿي اجا پيئان،
دل چاهي ٿي ٻيهار اجا
نوري! تنهنجا نيڻ ڇمان مان.
نوري! تنهنجا نيڻ ڇمان مان.

○

# رات ڇڏيا هِن زلف وکيري

رات ڇڏيا هِن زلف وکيري
ڪيڏو ڇانيل سناٽو آ!
تنهائي جي رڻ ۾ تنهنجي،
سارن جو ٿي وڻ گهاٽو آ!

چنڊ جتي اڄ بيٺو آهي،
ڪهڙو هي ڇَوواٽو آهي؟
دل چاهي ٿي تو ساڻ هجان،
ڪيڏو اوکو آٽو آهي!

اجري جو آڪاش ۾ ڪوئي،
آڏيءَ جو اونداهه ڪري ٿو.
ڪهڙو هي راڪاس آهي جو؟
سارو مٽ ۾ ساهه ڪري ٿو!

ڪک پن ڏڪي پيو پاري ۾،
ڪيڏي سارن ـــ سردي آهي!
ڪوبہ تہ ڪونهي، ڪوبہ تہ ڪونهي،
تنهائي بي دردي آهي!

ڪير سُتو آ سانجهي ـ هنج ۾؟
ڪنهن جو هي ڪراٽو آهي؟
اوندهہ جي اوپڙ لئہ اڄ ٻي،
سورج ـ هٿ ۾ ڏاٽو آهي!
سورج ـ هٿ ۾ ڏاٽو آهي!

٥

# اسان جي تمنا

چــري دل چــوي ٿي،
وري دل چــوي ٿـــي،
اوهان جي اکين جــي،
مِٺي! ميڪدي مـــان،
پــري چار سُرڪيون،
وري پـــار سُرڪيون!
الئہ ڇـــا حيـــاتي؟
ڪڏهن ڪا ملي ٿي،
غــمِ زنـــدگــيءَ کي،
دمِ آرزوءَ جـــــــــي،
گــهڙي سا بہ هڪڙي!
اوهـــان جي حجابي،
گـــلابي چپـــن تــي،
اســـان جي اجايل،
تمنـــا او جـــانـــان!
ٿـــي تڪميل چاهي.
سندءِ ڪاڪلن جي،
گهتـــائـــن ۾ سانئڻ!
اســان رنگ پنهنجي،
جـــوانـــيءَ جا سارا،
لُٽـــائـــڻ ٿا چاهيون،
اوهـان کي اوهان کان،
چـــورائڻ ٿا چاهيون.

o

# موت اهڙو آ سرڪش گهوڙو

هي جو موت آ، سرڪش گهوڙو
انڌو، گونگو بي حس، ٻوڙو
جيڪو جيون - رَند لتاڙي،
روز اچي ٿو شهر - جياپي،
ڪيئي دل جا ديپ اُجاڙي!

هُن جي پوبان پيرا - واڍو،
پر نہ چڏيائين پنتي پيرو!
جنهن پل آيو تنهن پل ٿي ويو،
چوڏس جڙ کو گهگهہ انڌيرو!

چا بہ هجي پر سچ آ لوڪو!
جيءُ تہ ناهي ڪارونجهر ڪو!
ڦوڪ هوا سان آهہ ڊهي پيو،
جيون، جڳ ۾ واريءَ - گهرڙو!

هي جو موت آ، سرڪش گهوڙو
انڌو، گونگو بي حس، ٻوڙو
روز اچي ٿو شهر - جياپي،
ڪيئي دل جا ديپ اُجاڙي!
ڪيئي دل جا ديپ اُجاڙي!

٥

## ڪهڙي مَنَ جي مي تون آهين؟

سڪ اسان جي سمنڊ سراپا
درد ئي دل جو ساحل آهي
پيار اسان جو پنج ـ ند جهڙو،
پياس ئي پنهنجي پاڳل آهي.

لهرون لهرون لمحا سارا،
چنڊ ـ ڳليون هِن پنهنجا چارا
ديد آ تنهنجي عيد اسان جي،
نيڻ ئي تنهنجا ٽيه سيپارا.

سار بہ تنهنجي سنڌوءَ جهڙي
تاري ٻوڙي، ٻوڙي تاري
قرب بہ تنهنجو قاتل جهڙو
ماري جياري، جياري ماري.

صبح بہ تون آن، سانجهي تون آن
من جي نيّا، مانجهي تون آن
آر بہ تون آن، پار بہ تون آن
سارو ئي سنسار بہ تون آن.

دوري هوندي، ويجهي پاسين
ويجهي هوندي، ويجهي ناهين!
مون ۾ آهين، مون ۾ ناهين!

آهين ناهين، ناهين آهين!

چاهين آخر، چاهين چاهين؟
سارا منڊَ ۽ چنڊَ تون آهين
تنهنجو واسو، آسو پاسو
ڪيڏو پيتو پوءِ بہ پياسو
من اسان جو آ وارياسو
ڪهڙي مَٿَ جي مي تون آهين؟
ڪهڙي مَٿَ جي مي تون آهين؟

o

## ساره شگفته جي نانءِ

ساره! دردُ سمندر جان آ
جنهن جو ڪو بہ ڪنارو ڪونهي!
درو اُفق ۾ تارا آهن
تن جي هيئيان چارا آهن
ڪيڏا ڳُنَ ڪنارا آهن!

اُڏريا پنک پکيڙي پنڇي
آگم جان آواره اکڙيون
نيڻ نديءَ جو پور پرانهون
سار سفر جون صحرا راهون.

من روڳي بنجارو آهي
هِيڻا هنجّ اُڀريون لهرون
تڙ تڙ ئي تاسارو آهي
جيون پياسو سارو آهي.

بَر جي ڪيڏي ڳيئي مسافت
بُٺَ تي ڪيڏا گل چِٽيا تو
آپگهات جا خواب ڏِنا تو
اَرمانن جا پوپٽ اُڏريا
پن پن تي هِن لمحا وڪريا.

تو تہ اکين جا ديپ جلائي
سوچيو هوندو، لوچيو هوندو
لوڪ پٿر ۾ ڪوئي هڪڙو
ميڻ بہ هوندو، سيڻ بہ هوندو
آس انهيءَ ۾ پياس انهيءَ ۾
تو تہ بدن جو ٻرُ بہ جهاڳيو
ٿوهر ٿوهر ٿَرُ بہ جهاڳيو.

لوڪ نگاهون خنجر جهڙيون
وک وک تي آ گهاءُ نئون ڪو
هاءِ حياتي هيرن جهڙي
جڳ سمورو جوئا خانو
ديد ديد آ داءُ نئون ڪو.

جيون سارو جوکو آهي
دشت بہ آهي، دوکو آهي
نيڻ ئي تنهنجا نڪتا ويري
ڪهڙا پنڌ ۽ ڪهڙا پيري؟
دنيا ساري هيرا ڦيري!

جوڀن توسان جاڙ ڪري ويو
موت بہ تنهنجي تاڙ ڪري ويو
تنهنجا شعر قبر جو ڪتبو
تنهنجون "اکيون" ئي تعارف تنهنجو.

تو جنهن چنڊَ جو مَنڊُ تي چاهيو
جوڻي جڳ ۾ سچ او سانئڻ!
چنڊ تہ ڇا پر تارو ڪونهي!
ساره درد سمندر جان آ
جنهن جو ڪو بہ ڪنارو ڪونهي!
جنهن جو ڪو بہ ڪنارو ڪونهي!

(ساره شگفتہ اردو جي ناموَر شاعره)

# آزاد نظم



شاعري، پيار ڪندڙ دل جي احساسن جو رقص آهي. فياض لطيف جي شاعري پڙهندي اکيون عشق جي اسرارن کي پنهنجي وجود ۾ ڳولڻ لڳن ٿيون ۽ دل پيار جي پروڙ کي پاڻ ۾ پائي ٿي. مون کي فياض لطيف جا نظم ڪائنات جي ڪنهن ڪُنڊ مان اُپريل ان صدا جيان پاسندا آهن، جيڪا ساري عالم جي سناٽي کي چِرڪائي ڇڏيندي آهي ۽ جنهن جي پڙاڏي ۾ پيار.... پيار...پيار....جا آواز رهجي ويندا آهن. خاص ڪري سندس آزاد نظمن ۾ محبت جي محسوسات جا انيڪ منظر آهن. هر منظر ۾ هڪ ڪائنات آهي ۽ هر ڪائنات ۾ ٻہ اکيون آهن، جيڪي پيار ڳوليندي ڳوليندي تمام پري هليون وڃن ٿيون ۽ هڪ دل آهي، جيڪا محبت جي جستجوءَ ۾ جوڳياڻي بڻجي وڃي ٿي. فياض جي شاعري پنهنجي سفر ۾، پيار جون رنگين ڪٿائون تخليق ڪري ٿي ۽ اهي ڪٿائون جڏهن پيار ڪندڙ اکيون پَسنديون تہ ضرور مُسڪرائينديون.

**ـ حبدار سولنگي**

# سرمد روح اسان جو

اسان جي چاهت خدا ـ نگر ۾،
مجوسين جانان! آ مئڪشي جان.
جياپي جڳ ۾ اسان جا سپنا،
رودالي روحَ جي ڇڙ اِچا ڪا!

اڪيون اسان جون ازل اجايل،
پيئڻ پچاڻان بہ ڇڙ تہ پياسيون!
پرئي بزم ۾ اداس ٻالڪ،
ڪڏهن تہ سرمد اسان جو من آ!

ڪڏهن تہ جوڳيءَ جيءَ وانگر،
ناهي بہ آهيون، آهي بہ ناهيون!
ننگي ـ بدن تي لباس گيڙو،
زخم زخم جي زبان آهي!

سوال پنهنجا صليب ڳالهيون،
قدم قدم تي مسيح ـ مرڪون،
نظر نظر آ نماز پنهنجي،
سجود پنهنجو وجود سارو!

مٽي جي من ۾ حوا جي خوشبو
تلاش پنهنجي تندور وانگر،
چِتا جي اک ۾ سُتي ڪٿي آ؟

ادا اوهان جي خدا تو ڇاٽي،
سمونڊ کهڙي جي سرڪشي آ؟
سدائين مقتل جڏهن بہ سِر جي،
ڪٿي او سائڻ! صدا ڏني آ،
اسان جي آذر هي عاشقي ئي،
اُتي اُتي خود هلي وئي آ!
اُتي اُتي خود هلي وئي آ!

# چنڊ! هاڻي هُن کي چئجانءِ

دل جي هِن خانہ بدوشي،
آ ڇڏيو رولي اسان کي،
چنڊ هاڻي هُن کي چئجان
ڪينڪي ڳولي اسان کي.

چنڊ! هاڻي هُن کي چئجان
ماڪ سان مجذوب دل جا
نيڻ هر پل هي پِنا هِن،
رات جون رولاڪ ـ راهون،
هاڻِ تي ويون آشنا هِن.

چنڊ! هاڻي هُن کي چئجان
هينئين ـ بن ۾ هيڪلائي،
زرد شامون تي لٿي آ!
سار جي هر پهر دل تي،
درد لامون تي لٿي آ!
جوڳي وانگي جاڳ پنهنجي،
راهہ ۾ پيتڪي مُئي آ!
حسرتن جا لاش پُوري،
دل رودالي تي پئي آ!
چنڊ! هاڻي هُن کي چئجان
دور هوندي دور ناهين،
مون ۾ مون سان تون ئي آهين،
پيار تنهنجو آ پناهون،
تون ئي تون آن سڀ ڏسائون.

چنڊ! هاڻي هُن کي چئجان
شام جا هُو پهر پويان،
ويل تنهنجي واپسيءَ جي،
۽ ولين جان چيلهہ ۔ وڙ ۾،
ور وراڪا تنهنجون ٻانهون.
مورناهن مون کان وسريون،
تنهنجي زلفن جون گهٽائون!

چنڊ! هاڻي هُن کي چئجان
اڄ بہ ٻوڙن ٽيون مِٺي!
حُسن تنهنجي جون ادائون!
اڄ بہ جانان! جام وانگي،
سانجهہ ٽي هر ڪائي پياسي.
اڄ بہ تنهنجو هر تصور،
روح ساري کي ٿو واسي،
پر او سانئڻ! وقت سان گڏ
ٻار هوڏي دل جو هاڻي،
ڪوڙ سمجهو ٿي ويو آ!
ڪجهہ قدر بي چين دل جون
آرزوئن جي بدن تي،
آڱريون مدهم ٿيون هِن!
ڪجهہ قدر آوارگي جو
روح پيي ريجهي ويو آ!

چنڊ! هاڻي هُن کي چئجان
ها! مجون ٿا، موهہ تنهنجو
ئي سراپا مڌ جيان هو،

سُرڪ جنھن جي جانِ جانان!
ساھ کي مدھوشِين ۾،
ھو ڪڏھن ويڙھي ڇڏيو ۽
سمنڊ جان ھو سحر تنھنجو،
سُرت جو ساحل نہ ڪوئي،
دلڪشي جي ديد ھر ڪا،
خواب ـ لمحا ھا سپوئي!
چند ساعت ڪيپ نيڻن،
جاڳ ساڳي، جوڳ جيون،
ھير جھونڪو سنگَ سارا،
دشت پياسو من اھوئي!

چنڊ! ھاڻي ھُن کي ڇئجان
دل نديءَ جو پُور آھي،
سپ اِڇائون لھر وانگي!
ناڪئي جان نيڻ ماندا،
پياس سُرمئي سانجھہ جھڙي،
ساٿ تنھنجو سَوَ سُڳنڌون،
پر او سرتي! عشق تنھنجي ـ
ڪوڙ سُندر ڪائناتون،
ھِن ڇڏيون ڪولي اسان تي،
چنڊ ھاڻي ھُن کي ڇئجان!
ڪينڪي ڳولي اسان کي!
ڪينڪي ڳولي اسان کي!

# شهرِ جانان

چيوسين اکين کي
ڪٿو پيرَ سوچي،
غضب شهرِ جانان،
پٿر لوڪ سارو.
هي جلوه ـ نمايون،
هوائن جا جهونڪا،
سدا ساٿ ڪنهن جو
ڏئي ڪيسين سگهندا!
مڃي نيڻ ويا پر،
مُڙي دل نہ پاڳل!
چيو بي چئي دل:
”مڃيوسين تہ سارا،
هي محبوب منظر،
اکيون پوري پل لئہ،
وساري بہ ڇڏجن.
مگر هو جو مهڪيل
ڪي گيسو ـ گهٽائون،
ڪٽي روز ايندڙيون،
رهيون هِن هُڳائون،
هٿن تي حِنا سان
لِکيل نينهن ناتا،
حُسن جي چپن تي،
هُو نغما سرايون.
هجر جون هُو تنها
۽ تاريڪ راتيون،

حَسين ساعتون ڪي
وصالِ صنم جون،
مينهوڳي جي موسم،
مٿي جي بدن جون،
هُو معطر هوائون،
اوسيڙي ۾ آتيون،
رهيون جي سدائين،
ڏِيئن وانگي روشن،
اهي بي قراريون،
اهي انتظاريون...،
ادا جي ڪيون سِين،
سدا عابدن جان،
اندر ئي اندر ۾،
عبادت نمازون،
ڪري ڪير ڪافر،
فراموش تن ڪي"!
امر سڀ اکين تي،
مگر ها ڪجي ڇا؟
هُو يادن جا ريشم،
جوانيءَ بهارون،
حُسن جانِ جان جو
خدائي جو پرتوو،
ڪري ڪير ملحد،
ڪو انڪار تنهن کان
ٿئي ڪير مرتد،
ڪو منڪر انهيءَ جو!

# تون چوين ٿي!

تون چوين ٿي،
تڙپَ منهنجي عاشقيءَ ۾،
اڄ رهي ناهي اُها.
خواب منهنجي حسرتن جا
سڀ هراسيل هرڻين جيان،
سُرت جي صحرا ۾ ڪٿ،
بي سبب ڀٽڪي ويا هِن!

تون چوين ٿي،
آڱرين جي جانِ جان! آوارگي ـ
آرزوئن جي بدن تي،
ڏاڍي مدهم ٿي وئي آ،
منهنجي من جون موسمون سڀ،
ٻار جي ڪنهن آر وانگر،
ڏاڍيون مَٺجي هِن ويون!

تون چوين ٿي،
سڀ ڪٿائون قرب جون،
ڪنهن مسافر جي قدم جان،
پنڌ جي ڪنهن ڏُنڌ ۾،
مون کان ڀٽڪي هِن ويون.

جانِ جانان!
ڇا ۾ سمجهين تون مگر،
ايئن ڪونهي،
جيئن چوين ٿي.
نيڻ منهنجا
هڪَ ۾ لمحي لاءِ سانئڻ!
سچ پُڇين جي صبر سان،
تنهنجي تصور کان سوا،
ننڊ جي آغوش ۾،
ڪين ٻوٽيا هِن ڪڏهن.
اڄ ۾ منهنجو مَوجزن آ،
موهہ ڪنهن مهراڻ جان،
تَن تارون،
من مانجهي،
ساهہ سارون،
روح راڳي،
ساز جڻ تنهنجي لڳن آ.

اڄ ۾ منهنجي آس تون آن
پياس تون آن،
تون سراپا سمنڊ آهين،
جڻ تہ ڪوئي منڊ آهين،
آڱريون منهنجي اِڇا جون،
روز ڪنهن گوتم جيان،
جاچنا جو جيءُ ڳولن،
تِشنگي جو روح ڦولن.
تون هميشہ چنڊ وانگر
منهنجي راتين ۾ رهي آن،
هر ڪويتا ـ لفظ منهنجي،

حُسن تنهنجي مان سدا،
اڻ مئيو پيتو مِنِي آ.

اڄ ﺑـہ منهنجا رنگ سارا
روپ تنهنجي جو رچن ٿا،
نقش ڪوئي،
ننڍ جهڙو،
گهِنڊ جهڙو،
جو وڃي ٿو رات ڏينهن،
روح منهنجي جي رڳن ۾،
تنهنجي زلفن جي ڇَڳن ۾،
اڄ ﺑـہ منهنجي آڱرين جو،
چينُ ٿو اُلجهي پوي.

اڄ ﺑـہ منهنجي راحتن جا
چاهتن جا،
سارا رستا،
سونهن تنهنجي تي کُتن ٿا،
۽ ڦُتن ٿا،
پِرھ ڪرڻا،
مُرڪ تنهنجي مان مِٺي!

نيڻ تنهنجا
لهر وانگر،
سحر وانگر،
اڄ ﺑـہ ٻوڙن ٿا سَکي!
پيار منهنجي جون پڇائون،
توکي ڳولن ٿيون نگاهون،
تنهنجون ٻانهون،

منهنجي گردن چوطرف
اڄ بہ ڄڻ آتيون ڦِرن ٿيون،
ڀَونر جان باتيون ڀِرن ٿيون.
اڄ بہ منهنجي نينهن جون
سپ سيمائون،
تنهنجون ٻانهون.
اڄ بہ منهنجي عاشقي آ.
آڳ وانگر، جاڳ وانگر،
تون جنهين ۾،
نيڻ آهين خواب جا!
نيڻ آهين خواب جا!

# آيتن جهڙيون اکيون

هن جي دستڪ لاءِ آتو
اڄ ٻہ منهنجي دوار دل جو.
هُن جي مُرڪن لاءِ ماندي،
اڄ ٻہ منهنجي آ اماوس.
منهنجي دل جي موسمن ۾،
اڄ ٻہ تازو گل هُن جي،
راحتن جو چاهتن جو.
اڄ ٻہ منهنجي پيچرن ۾،
هُن جي پيرن جا نشان هِن،
ٽمڪندڙ ڪنهن ديپ وانگي.
مُور ناهن مون ڪان وسريون،
اڄ ٻہ يونيورسٽي جون،
چنڊ ـ راتيون، سانت رستا،
سُرَ مڌر ماريا ڳري جا.
خوشبُوئن سان واسِيل هُو
خيرپور جون سرد شامون،
موهہ ـ لمحا، ٿهڪ ـ باتيون،
بحث پيارا زندگيءَ تي.
رقصان پاڻيءَ تي هُو پاچا،
چنڊ ـ چارا، هو ستارا،
هُو سمر تيون، هُو سڳنڌون،
سات سندر ئي سمورا
۽ مهاڻي هُنَ سنديون جي،
آيتن جهڙيون اکيون هُون،
اڄ ٻہ جڻ منهنجي هنئين ۾،
چنڊ جان جاڳن پيون ٿيون!

# پياسو ساحل

ڪير ڄاڻي ڪاڪ دل جي،
ننگي پيرين آرزو ٿي،
ڪنهن جا پيرا پنڌ ڳولي؟

ڪير ڄاڻي نيڻ ـ نند جا،
خواب ڪهڙي جي سفر ۾؟
ڪوئجي ٿا ڪنهن ڪي ماڻن!

ڪير ڄاڻي چپ سپي جان،
ڪهڙي بارش جي بدن لئہ؟
ايترا بي چين ٿين ٿا!

ڪير ڄاڻي هرڻي وانگر،
دل هنيلي ڪهڙي تڙ لئہ؟
ايتري ڊوڙي ڊُڪي آ!

ڪير ڄاڻي سمنڊ ۾ پي،
آتيون ٻانهون ساحلن جون،
ايتريون پياسيون رهن ٿيون!

ڪير ڄاڻي هٿ لڪيرون،
ڪهڙي متيءَ جو مقدر؟
ڪهڙي نالي ۾ لِکن ٿيون!

ڪير ڄاڻي ڪا چڪوري،
آڌي ٽاڻي ايتري ڇو؟
چنڊ لئہ بي چين ٿئي ٿي!

ڪير ڄاڻي پيار ماڻي،
پو بہ دل ڇا لئہ سدائين؟
درد جو ٿي دشت جهاڳي!

◘

# محبتون ممنوع آهن

ڪيترين ئي ڪائناتون
تنهنجي بس هڪڙي نظر آ!
مُرڪ تنهنجي آ بهارون،
تون سراپا چڻ سحر آن!

حُسن تنهنجو هيري وانگر
هينئون پنهنجو آ حسينا!
ديد ڪائي درسنيءَ جي،
سُرت جون ساريون صراحيون،
خيال تنهنجي تي ڪُتن ٿيون،
چڻ ڦُتن ٿيون پِره باڪون،
تون جڏهن ٿي زلف کولين!

سونهن تنهنجي خود مصور
خيال سان آ ويهي ٺاهِي،
تون دنيا جي دشت ۾ آن،
بهشت جي ڪنهن اَپسرا جان!
موسمون تنهنجي بدن جون،
سڀ گلابن جي سمان هِن،
تشنگي پنهنجي بہ آهي،
رڃ ۾ پياسي هرڻ جان!
پر ڪجي ڇا؟ جانِ جانان!
ديس جي دستور ۾ ئي،
محبتون ممنوع آهن!
محبتون ممنوع آهن!

# زلف پريشان ڪنھن لئہ آتا.....؟

ڪچي ڏوريءَ وانگر آھن
پريت سوا سڀ ريت جا رستا!
چِتِ- چُوليءَ تان ٽُٽي پون ٿا،
ھڪڙي سٽَ سان سيئي ڌاڳا!
رات اچانڪ ائين ٿِمي پيا
نيڻ- ڇپر مان لڙڪ- ڇُڻاڪا!
ڏُکندڙ نيڻن جي زخمن تي،
ننڊ رکيا ھا مرھم- ڦھا!
دل جي در تي دستڪ ھئي پر،
خواب اکين تي ڪيپ ھڻا ڪي،
ڇرڪ ڀري جو ھوءَ آ جاڳي،
ٽُٽي پيس سڀ سپنن- شِيشا!

دل آ ساگر، سارون ڪشتي
لھرون پاڳل نيڻ سفر جا!
شام جي ھنج ۾ سج لٿو آ،
چوڏس پکڙيا رات جا پاڇا!
ڪومل ھٿ تي ھير تي ووڙي
زلف پريشان ڪنھن لئہ آتا!
حسنِ بدن تي خوشبو ويو آ،
تاريءَ تاريءَ ڀَنوَرن ڀيرا!
اونداھيءَ ۾ مِر گھہ- اکي ھوءِ
ڪير تي ڳولي گس تي پيرا؟
ڪير تي ڳولي گس تي پيرا؟

# پياس ساري زندگي آ

ڪاڪ جي محلن ۾ ماندو،
روح هن جو ساز جهڙو،
آگرين جي آسري ۾،
اج بہ ائن ئي آهہ آتو،
جئن ڪليءَ جي آرزوءَ ۾،
ڪائي موسم منتظر آ.
لوڪ ساروبي خبر آ،
ديد هر ڪا دربدر آ.

ڪير ڄاڻي ڪنهن نظر لئہ،
ڪا دري ڇو مضطرب آ؟
دل لڳي پيي ديپ جان آ،
لاٽ ٿي لرزي نہ جنهن جي،
دِيوَ ڪنهن پيي واءَ جي ڪان،
نيڻ آهن نهر وانگر،
سرمدي ڪنهن سحر وانگر،

وهڪرو جن جو سدائين،
پيار جي ئي پار ڏي آ،
يار جي ئي پار ڏي آ.
چَوڏسا ئي چنڊ آهي،
موھ آهي، منڊ آهي،
شبنمي هر لڙڪ آهي،
مُرڪ پِيي چِڻ سُرڪ جيان آ،
سُرڪ جنهن جي ئي سحر ۾،
پاڻ ڪو پائي چڏي ٿو،
گيت سو ڳائي چڏي ٿو
ڳالهہ جنهن ۾ راز جي آ،
سازِ آواز جي آ.

ڇا اهو ڄاتو ڪنهين آ؟
ساز ۾ هڪ سوز ٿئي ٿو،
سوز ۾ هڪ سرمدي آ،
هٿ ــ ڏِيا هِن روشنيءَ جا،
پياس ساري زندگي آ!
پياس ساري زندگي آ!

# نديءَ جهڙي نگاهن ۾

اسان جي دل جي دامن تي
ڪِري جو چٽنگ چاهت جي،
پسم تي ويا پرم سارا
رهي سالم نہ ڪا اِڳڙي،
وجودِ سِر اسان جي تي!

اسان جي لاڏلي دل جو،
چُورائي چينُ ويو ڪوئي!
اسان جي ننڊ - نيڻن جي،
اُڏامي وئي الئہ ڪاڏي!

اسان جي طلب ۾ هر پل
الائي تات آ ڪهڙي؟
رُني آ دل سدا پنهنجي،
الائي بات ڪهڙي آ؟

جُڳن ڪان جيءُ تو جاڳي،
اسان جي روح ڪي واڳي،
وئي ڪائي ولين وانگي،
اجايل مور جان من آ،
ويڳاڻي ڊيل جان دلڙي!

اڪيلي چنڊ جان پتڪي
پپيو تو روح راهن ۾!
وڃائي پاڻ ويناسين،
نديءَ جهڙي نگاهن ۾!
نديءَ جهڙي نگاهن ۾!

## پٿرن جي شهر ۾

ڪيتري آ بي چئي،
دل جي هيءَ ديوانگي،
مون چيو ڏس او چري!
”ڪانچ جي چوڙين جهڙو
پنهنجي سپنن جو بدن
هل نہ تون ايئين ڪٽي.“

”لوڪ جي خنجر نظر
۽ ابابيلن جيان،
عاشقي پنهنجي پرين!
راهون ٿوهر جان رڳو،
آ فريبي جڳ سڄو
ٿورڙو تون خيال ڪر،
ڪڻ سنيالي تون وڪون
تهمتون هِنِ بي نقاب،
تنهنجي تعاقب ۾ مِني!“

”عمر تنهنجي آ اَلهڙ
نيڻ تنهنجا بي خبر،
ڪٿ نہ اٽڪن او چري!
تون ڪنول آ ڪاڪ جو

تون آ قطرو ماڪ جو،
چانڊني تون چنڊ جي،
پير تنهنجا پدمڙا،
تون ڇا ڄاڻين ڄر منجهان،
تون ڇا ڄاڻين ٻر منجهان،
پنڌ اوکو پيار جو،
نينهن نوتو دار جو!“
پر هي هوڏي، ٻار جهڙي،
دل هٺيلي،
ڪجهہ مڃي ٿي ڪونہ ٿي.

◙

# سپنا يہ آواره ٽين ٽا

خواب بہ چورن وانگر آهن
سارا ڏُوريءَ پنڌ لتاڙي،
روزاچن ٽا شهر ـ جياپي،
آڏيءَ ٽاڻي،
پريميڪا جا چپ چمڻ لئہ.
سانت جي ٻڪ ۾،
لوڪ سمورو،
رات سمي
ننڊ جي چادر تاڻي ٿو.
خيال جي گس ۾،
ليڪن خوابَ،
بنجارا ٿين ٿا،
سپنا پيي آواره ٿين ٿا،
ڪنهن جي روڪي ڪونہ مُڙن ٿا.
ڪنهن جي روڪي ڪونہ مُڙن ٿا.

# دوستي آ خواب جو زخمي بدن!

مون هو سمجهيو، دوستي آ
درد جي درياھ ۾،
ڪنهن سگهاري ناوَ جان،
سڙھ جنهن جي سات جا،
ڪنهن طوفاني واءَ ۾ پيي،
ڪين ٿا ساٿا ٿين!

مون هو سمجهيو، دوستي آ
رڻ تتيءَ جي رڃ ۾ ڪنهن،
ٻڙ جي گهاٽي ڇانو جان،
جنهن جي ٿارين مان ڪڏهن،
اُس جون ننگيون نگاهون،
پار پئجي ڪين سگهنديون.

مون هو سمجهيو، دوستي آ
رات ـ رڻ ۾،
دل جو روشن ڪو ڏيئو،
جنهن جي جهيڻي لاٽ جو،
ڪائي ٻيٺي ٻاٽ پيي،
سِرُ جُهڪائي ڪين سگهندي.

مون ھو سمجھيو، دوستي آ
چينَ جو ءِ چاھ جو،
روشنين جي راھ جو
خوبصورت ڪو سفر،
جنھن جي راھن ۾ ڪڏھن،
ڪا خزان، ڪائي سياھي ڪونہ آ.

مون ھو سمجھيو، دوستي آ
آئيني اُجري جيان،
جنھن جي دل ۾،
داغ ڪوئي ڪونہ آھي.
عڪس جنھن جا،
رقص جھڙا،
سپ ڏسائون
جڙ ڪي چانئون،
جنھن جون ٻانھون.
جڙ گھٽائون.

مون ھو سمجھيو، دوستي آ
دل ـ نگر جي ديس جو،
سرخ سندر ڪو گلاب،
مھڪ جنھن جِي ڪي ڪڏھن
موسمن جي بي وفائي،
پيي مِٽائي ڪونہ سگھندي.

مون هو سمجهيو دوستي آ
دل ـ مندر جي مورتي،
سونهن جنهن جِي کي کڏهن
بُت شڪن جي بدنظر،
گهائي سگهندي ڪينڪي،
ڊاهي سگهندي ڪينڪي.

مون هو سمجهيو دوستي آ
جيءَ ـ گهر جي ڪنهن ٽٽل
ڪام لئہ،
ڇڻ ڪلهي جيان،
جنهن کي ڪڏهن،
ڪا رواجن جِي اڏوهي،
ڪين ٽي جهوري سگهي،
ڪين ٽي پُوري سگهي.

مون هو سمجهيو دوستي آ
ننڊ ـ نيڻن جي وطن جو
خوبصورت خواب ڪوئي،
جنهن جي تعبيرن جي ڏرتي،
چنڊ ـ تارا رات آهي،
۽ اها پريات آهي،
سحر جنهن جِي ۾ قهر جي،
ڇڻ تہ ڪائي مرڪ آهي.

مرڪ جيڪا،
آهہ مڏ جي سرڪ وانگي،
جنهن مان پيتي پياس ڇڻ،
پوري ٿيٽي ڪونہ آ.
ڏُوري ٿيٽي ڪونہ آ.

ها، مگر هُو جو بروٽس جي هٿن ۾،
خون سان لت پت خنجر،
تتل تئي جي تيز اڪ جان،
تاڙ ۾ آهي سدائين،
ٻاڙ ۾ آهي سدائين،
تنهن جي حوَس جي حسرتن جو
بَڪُ آ بٽجي ويو.
منهنجي تخيل جو بدن،
ها بدن، خوابِ عدن،
جنهن ۾ هيو،
سرمدي ڪو ساهہ هڪڙو!
سيزر جهڙو ويساهہ هڪڙو!
سيزر جهڙو ويساهہ هڪڙو!

# توکان جدا جيئان پيو

سوچيو هيم،
توکان سوا،
جِي نہ سگھندس،
پل جدا،
ليڪن پرين!
هي وقت آ مرهم جيان،
جيڪو ڇڏيندو آ پري،
جيون جي هر گهاءَ کي،
پل، پهر، ڏينهن، هفتا
۽ مهينا سال ڪي،
تنهن پريت جي
پيو ڀڳي سزا،
آءٌ جيئان پيو،
آءٌ جيئان پيو،
توکان سوا،
توکان جدا،
توکان پري...!

# سروم دکم دکم

شاعر جي دل ٿي،
هُن جو ديس ٿئي ٿي،
ويس ٿئي ٿي،
جنهن ۾ ڊڪيل آ.
اُن جي زخمن جو بدن،
۽ موجي من،
ڪنهن سمنڊ جيان آ.
سنسار سمورو جنهن ۾،
ڪنهن لهر جيان،
ڪنهن سحر جيان،
رقص ۾ آهي.
جيون ڇاهي؟
نيڻ ڪويتا،
ڪاغذ ڪشتي،
ساحل سوچون،
خواب هوائون،
لمبي مسافت،
صحرا راهون،
قدم قدم تي زخم هزارين،
لفظ مرهم،
سروم دکم دکم!
سروم دکم دکم!

▣

# جيون مڌ جيان آ

اج رات ستارا،
چُور نشي ۾،
ٿيڙ کائي ٿا،
اونده جي دنڊلن،
شيشن سان،
پنهنجا اُجرا جام ٽَڪرائن،
۽ چنبڊ پيتل مَدو موالي ۽ جان،
ڪڪرن جي تاڻي چادر،
ڪي پل ويهي سوچي ٿو:
”هي جيون پي ڪنهن مڌ جيان آ،
موت پياڪو جنهن مان،
چُڪي چُڪي ٿو روز پيئي!
چُڪي چُڪي ٿو روز پيئي!“

# تشنگي جو بدن

سُرت جي ساري سفر ۾ سيپ وڃائي،
پوءِ بہ مون کي ائين لڳو آ.
زندگي جڻ کو سڳو آ.
تند جنهن جي لمحي لمحي آ اُٽيو،
آرزوئن جي بدن جو
ليڙون ليڙون کو لباس،
۽ پياس،
دشت ۾ پاڳل هوائن جي پٺيان،
چين پنهنجي چاھ جو خود ئي وڃائي
خود ئي پيري ۾ رهي آ.
هير جهڙي هيءَ وهي آ.
خوشبو جنهن جي،
خود بهارن جا بدن،
ڪيترا بي چين ڪيا هِن،
پير واريءَ پيچري تي،
ڪيترا وکريا پيا هِن.
نيڻ ڪنهن خانہ بدوش،
خوبصورت خواب وانگر
هرڻ جان جن جي پٺيان،

من ۾ جيا پوڪيترو ماندو ٿيڳو آ!
پوبہ مون کي ائين لڳو آ،
زندگي جڙ ڪو سڳو آ،
ريشمي ڪا تند جنهن جي،
تشنگي جي جڙ بدن تي،
ننڊ جا تاڪا هڻي ٿي!
ننڊ جا تاڪا هڻي ٿي!

◙

# ڪوي جي خواب جهڙيون اکيون

ڪنهن ڪوي جي خواب جهڙيون،
او پرين! تنهنجون اکيون.
مرڪ تنهنجي مئڪشي جان،
زلف تنهنجا ڄڻ گهٽائون،
تون سراپا
شاعريءَ جهڙي حسينا!
تون اڪيلي او ٻِھيلي!
ڳوٺ جي ڪنهن ڀي ڳلي ۾،
پئہ نہ ائين نڪري ڪڏهن،
ڪيترين پاڳل نگاهون،
تنهنجي تعاقب ۾ وتن ٿيون ڀٽڪنديون،
ڪنهن سمي ڪنهن باز جو
چوڳو نہ ٻڌجي پئين چري!
پير پنهنجو ڪڻ سنيالي،
اوپري، او پوپري!
ڇوڪري، او ڇوڪري....!
ڇوڪري، او ڇوڪري....!

# پروميٿئس

پوڙهو چنڊ صدين کان هُو
اُپ جي ڪاري ڌرتي تي،
سوچ جي مشعل ساڻ ڪٽي،
پنهنجي پوري هستيءَ سان
ساري جڳ جي بستي مٿان،
هر رات ٻري ٿو،
ساک ڀَري ٿو.
هُو سچ ازل کان،
سياهي جي سوري تي،
روز پيو لَٽڪي،
ڪنهن گهايل پنڇيءَ جان.
اڃا نہ مُئو آ،
اڃا نہ مُئو آ،
عيسيٰ جڳ مان،
دنيا ۾ جيئرو،
اڃا بہ آهي پروميٿئس،
جنهن جي جيءَ تي روزانو ڪا
چُوٽَ لڳي ٿي،
ڳُوٽَ پڄي ٿي،
چاڪ چِڪن ٿا،
رنگ رچن ٿا،
ها، پر پوءِ بہ،
چنڊ جي ريت اڃا بہ ساڳي!
سچ جي جيت اڃا بہ ساڳي!

◙

# دلين جا زخم پريا ناهن

توکي گھنور ڇا گھرجي؟
هڪڙي ڪوجھي ڪاري رات گھرجي!
رات جنھين ۾،
رنگ بہ آهن، سنگ بہ آهن،
انگ بہ آهن، ڏنگ بہ آهن،
ٽورا ڏنڏلا دنگ بہ آهن،
جن مان تنھنجي ديد گھڙي ڪن
پنھنجا نيڻ تہ سيڪي سگھندي،
تنھنجي طلب جي تات بہ شايد
ڪجھہ لمحن لئہ ماٺي ٿيندي،
پر او پيارا!
ڪچا رنگ سدائين ان جا،
ڪنھن بہ بدن جي ڪاغذ تي،
ڪنھن رنگ رچڻ جي بدران
هڪ گھاءُ رچيندا آهن!
گھاءُ جنھين ۾،
هڪ درد جو سور سدائين
ڪُرندو رهندو آهي،
هُرندو رهندو آهي!
هڪ رات جنھين جي
بي نور نيڻن ۾،
آشا ڪانھي،
ياشا ڪانھي،

جنهن جي بدن ۾ گرمي بدران
وئي بي حسي جي برف ڄمي آ،
ان جي سرد انگن تي،
نرم چپن جي،
گرم چپن جي،
جاڳ سمهارڻ
جيڏيا! ڪيڏي اوکي آهي!

توکي گهنور ڇا گهرجي؟
هڪ پرهہ ڦٽيءَ جي باک گهرجي؟
باک جنهن ۾،
ساک آ سورج رنگن جي.
هڪ گل گهرجي؟
گل جنهن جي،
گرم چپن تي ماڪ چمين جان،
چمڪي پئي آ.
يا هڪ ناتو گهرجي؟
جوڙ جنهن جي،
تنهنجي ريشم سوچن ۾،
هڪڙو سندر خواب اُٽيو آ،
۽ گلابن جهڙو،
شباب اُٽيو آ،
حجاب اُٽيو آ.
توکي گهنور ڇا گهرجي؟
توکي تنهنجو اندر گهرجي؟
توکي تنهنجو ٻاهر گهرجي؟
يا ڪو من جو مندر گهرجي؟
جنهن ۾ تنهنجي چاهت جو،
راحت جو،

تنهنجي ٽي اوسيئڙي ۾،
هڪ ٻُت پيو آهي،
ٻُت جنهن جي روح ڪي تون،
روز ٿو لالو لال ڪرين،
ڇو نہ ٿو هڪڙو خيال ڪرين؟
دل جا زخم ڪڏهن بہ دلبر!
راتين جي تاريڪ مرهم سان،
ناهن ڀربا، ناهن ٺرندا.

توکي گهنور ڇا گهرجي؟
چنڊ گهرجي، منڊ گهرجي؟
يا ڪو هڪڙو گهنڊ گهرجي؟
جنهن ۾ تنهنجي جيءَ جون تارون،
جيئن گونجن،
جنهن ۾ تنهنجي من جون مرڪون،
جيئن مرڪن،
جنهن ۾ تنهنجي خواب اکين جا،
تنهنجي پيرن جو گس ٿين،
ڏَس ٿين،
توکي رات گهرجي يا روشني؟
توکي گهنور ڇا گهرجي؟
توکي گهنور ڇا گهرجي؟

( منهنجو دوست، گهنور خان جتوئي، جيڪو جوانيءَ جي بهارن ۾ ئي
خودڪشي جي خزان جو ٻَڪُ ٻڻجي ويو)

# تون جنم ڪان جيءَ ۾

مہ جبين! تون اجنبي،
ڪيئن چوان مون لاءِ آهين!
ڇا ٿي چاهين؟
ڏور ٿائين،
جيئن ڏسان ٿو،
ٿي ڏسائين
منهنجي آهين.

دور هوندي دور ناهين،
ويجهڙي بہ مور ناهين،
پو بہ من ۾ جڙ تہ آهين،
تون سڳنڌن واس وانگي،
چين منهنجو ٿي چورائين.

ڪيئن مڃان تون ڪا گهڙي
ڪنهن سفر ۾،
هم سفر آهين رهي!
۽ لهي ڪنهن موڙ تي،
مون ڪان وڇڙي آن وئي.

زندگي لمبو سفر آ،
اجنبي ڪوئي شهر آ،
ڪيترا جنهن ۾ مسافر،
ٿا ملي وڇڙن وري،
رُت انوکي هيءَ حياتي،
روز جنهن ۾،
گل ٽـڙي اُجـڙن وري،
ديد آهي چڙ دري،
پياس پنهنجي آ چري،

ياد تنهنجي آ وري،
روز نئين ڪنهن رنگ ۾،
تون آن هر پل سنگ ۾.

هن دنيا ۾،
حافظي جي هٿ ترِيءَ تي،
ڪيتروءِ ڪير ٿو
ڪنهن کي ائين سانڍي رکي!

پر او سانئڻ! چنگ وانگي
تند تنهنجي طلب جي،
چاهہ منهنجي جي چپن تي،
هر گهڙي بي چين آهي،
دل ٿي چاهي،
ساهہ ۾ توکي سمائي،
ڪٿ لڪائي آءٌ ڇڏيان.

روز تنهنجي آرزو،
نئين سِري سان ننڊ ۾،
خواب تي ڪورا اُٺي.
ءِ وٺي ٿي،
روز مون کي،
منهنجي دلڙي،
طلب جنهن پل،
تنهنجي مون کان ٿي ڪري.
تون پري
ڪاٿي مِني آن!
تات تنهنجي منهنجي من جي،
هر ڏسا ۾،
ائين وڳي آ،
جڙ لڳي آ،
آشنائي منهنجي توسان،

آ ازل کان،
اڳ بہ ڪاٽي ئي رهي.

هي سفر هو هڪ بهانو
تون جُڳن کان منهنجي جيءَ ۾،
هير وانگر جڻ گهُلي آن!
وير وانگر جڻ ڇُلي آن!

◙

# پياسو من

تو چيو هو:
پيار تنهنجو،
ڪنهن گهٽا گهنگهور جيان آ،
مور جيان آ.
پياسي من جون
تل - ترايون،
تون ٻوڙي سپ ڇڏيندينءَ،
ائين گڏيندينءَ،
ساهہ پنهنجي سان،
ساهہ منهنجو،
چاهہ منهنجو،
ڪا بہ ڏوري ڪانہ رهندي،
اُڃ اڌوري ڪانہ رهندي،
پر جُڳن کان سِپَ وانگر،
اڄ بہ تنهنجي ،
پيار بارش لاءِ آهيان،
آءٌ ماندو،
آءٌ اڃايل.
آءٌ پياسو

# غزلَ



جديد سنڌي غزل کي هاڻوڪي دؤر ۾ جيڪي شاعِرَ پنهنجي تازي توانائي تخيل جي آڌار سونهن بخشي رهيا آهن. انهن ۾ فياض لطيف جو نالو بہ هڪ سُهڻي سجاڳ رکي ٿو. فياض لطيف نظم جي صنف ۾ بہ گهڻو اظهاريو آهي، اهو ئي سبب آهي، جو مون کي هِنَ ڪتابَ ۾ شامل سندس غزلن مان بہ نظماڻو رنگ جهلڪندي نظر اچي ٿو. هنن غزلن ۾، جيڪا خيالن جي نُدرت، بي ساختگي، ترنم ۽ تغزل شامل آهي ۽ فياضَ جهڙي طرح انهن ۾ رديفن جو منفرد استعمال ڪيو آهي، اُهو هنن غزلن کي، ڪنهن بہ حوالي سان نظرانداز نہ ٿي سگهڻ جي سگهہ عطا ڪري ٿو. فياض جا غَزَل، دل جي حَسين واديءَ ۾ مختلف ڪيفيتن ۾ سرشار هجڻ واري صورت ۾ مُرڪندي، ڏسي/ محسوس ڪري سگهجن ٿا. ”دل جي خانہ بدوشي“ ۾ شامل، پنهنجي سهڻي شاعر دوستَ فياض لطيف جي غزلن کي پڙهي، مَنُ اِنهن غزلن ۾ موجود سيني موسمن سان گڏُگڏُ سفر ڪرڻ لڳي ٿو. سچ تہ فياضَ تخليقي ڪَمَ کان وڌي ترجمن تائين، پاڻ کي هِڪَ ذميدار ۽ ذهين لکاريءَ جي حيثيت سان ميڙايو آهي.

**ـــ امر اقبال**

⦿

عمر سموري عذاب ٿيوڳيا
خنجر خنجر جان خواب ٿيوڳيا!

پٿر شهر ۾ سوال شيشا،
نظر نظر هِن سراب ٿيوڳيا!

زخم زخم تي ڳنڍن جي وچ ۾،
سدا زخم هِن گلاب ٿيوڳيا!

دنيا ڪتان جو ڪٽي پُڳي آ،
نسل اسان جي نصاب ٿيوڳيا!

بهار موسم لٿي بدن تي،
ڳلي ڳلي پر حجاب ٿيوڳيا!

ڦڙو ڦڙو تي رُني آ دلڙي،
پٿر پٿر جان جواب ٿيوڳيا!

نہ نيڻ ڪجرا، نہ گيسو گجرا،
شهيد دل هِن شباب ٿيوڳيا!

⊙

چڳون چڳون ٿي بهار وکريو
نظر نظر ٿي خمار وکريو.

جواني هُن تي لٿي جئين ئي،
ڳلي ڳلي ٿي نِکار وِکريو.

ڪنول بدن جو ٻَڪيو ٻَڪن ۾،
چُمي چُمي ٿي آ پيار وکريو.

اداس دل تي ڪڪر وڇوڙو،
مِلي جو مُرڪي، غبار وکريو.

ڪڪوهہ ڪامڻ هُيون نِگاهون،
ڪٽي ڏنائين، قرار وکريو.

فياض ڏاڍو اَڏول هو پر،
پريت ـ پنڌ ۾ هو يار وکريو.

⦿

ستارا ستارا رهيون هِن اکيون
عجب ئي نظارا، رهيون هن اکيون.

ٻُڏاسين ٻَکن جي سحر ۾ سدا،
ڪنارا ڪنارا، رهيون هِن اکيون.

اسان جي عبادت ۽ رياضت عجب،
سيپارا سيپارا، رهيون هِن اکيون.

ڪٿي ساهہ سرمد، ڪٿي جيءُ جوڳي،
ڪٿي ديد دارا، رهيون هِن اکيون.

نہ ڪشتي، نہ ساحل، بحر - عشق ۾،
سدائين سهارا، رهيون هِن اکيون.

◉

چري دل تمنا ڪئي ٻي ڪئي آ
پرين! آرزو بس اوهان جي رهي آ.

ائين رات ڀر هِن ڀِنا نيڻ بادل،
جِئين ماڪ مُکڙيءَ تي روئندي رهي آ.

نہ راهن ۾ رونق، نہ شامن سُندرتا،
ڪٽي واءَ ڪهڙي، خوشين کي وئي آ.

مسافت ڪُٺي تي، نہ ئي پير ٿَڪجن،
عجب تنهنجي چاهت ۾ راحت رهي آ.

اياڻي، هنيلي، اسان دل آواره،
سدائين حُسن جي ئي سجدي رهي آ.

⊙

سدائين سار جي موسم
پرين جي پار جي موسم.

هُڳائن جان لٽي هر دم،
اسان تي يار جي موسم.

گلن کي ڇئو نہ ائن مَهڪن،
چمن ۾ خار جي موسم.

کُلي ڪا ڇڳ جي گيسوءَ جي،
هُلي هُٻڪار جي موسم.

چنبيلي واس ويو ويڙهي،
نشو هئي نار جي موسم.

سدا هُن سوپ تي چاهي،
ٿياسي هار جي موسم.

⦿

اوهان جي ئي يادن ـ ڳهر ۾ رهياسين
پرين! سچ تہ ڏاڍي سحر ۾ رهياسين.

اوهان جو ”سياڻو“ تي سُولي ويو آ،
اسان بس انهيءَ جي قهر ۾ رهياسين.

ڪڏهن دشت دوري، ڪڏهن پيار ساگر،
سدا عشق تنهنجي سفر ۾ رهياسين.

پُڇو ٿا تہ ڪِئن، زندگي پيئي گذري؟
ٻُڏي توڙي اُپڙي لهر ۾ رهياسين.

ڪُليل زلف ويڙهي، ڪِلي هوءَ گذري،
اجا تائين تنهن جي اثر ۾ رهياسين.

ڪڏهن پياس پُورِي نہ ساحل جيان ٿي،
عمر توڙي پُورِي بحر ۾ رهياسين.

◉

سراپا سندرتا سڪيءَ جون اکيون،
ڪوي جي ڪويتا، سڪيءَ جون اکيون.

ڪٿائون مٿي ڪيئن ڪاغذ ڪٿيون؟
نسوريون امرتا، سڪيءَ جون اکيون.

ڪڪر، سمنڊ، ساحل، ستارا، ڳٽيون،
نيارا نياپا، سڪيءَ جون اکيون.

سوين گيت سرگم، ڪنول جون ڳليون،
مي، مهڪون، مڌرتا، سڪيءَ جون اکيون.

هُو آرس، هُو اُلڪا، اُهي مِرگهہ ـ چالون،
سحر هِنِ سراپا، سڪيءَ جون اکيون.

◉

ڪوڙ ساريون ڇڻ نگاهون ٿي رهي آ
شاعري پنهنجون پناهون ٿي رهي آ.

پاڻ تي پنهنجو ڪٿي آهي هليو وس،
عاشقي تنهنجي ادائون ٿي رهي آ.

پنهنجي پيرن ۾ رهيون هِنِ ڏرتتيون ئي،
سانوري ڇڻ ڪي گهٽائون ٿي رهي آ.

پاڻ ڪان ئي پاڻ ڇڻ وسري ويا هُون،
هوءَ جڏهن ڪان پيار ٻانهون ٿي رهي آ.

جڳ جفائون توڙي سارو پر اسان لئہ
زندگي ڇڻ سڀ وفائون ٿي رهي آ.

قطري ۾ مون سمنڊ جو ڳوليو بدن آ،
تشنگي ساحل صدائون ٿي رهي آ.

دل لڳي پيي دشت جو آ ڪو مسافر،
ساحري ڇڻ سيڻ راهون ٿي رهي آ.

◉

پاڻ کان پاڻ تائين پُڄيون هِن اکيون،
خواب مجذوب جو هي رُڳيون هِن اکيون.

درد جِي دلبري پيي رهي آ عجب،
دشت سارو سفر ۾ جُهڳيون هِن اکيون.

چَپ جتي پيي نہ ڪجهہ هِن چئي جي سگهيا،
راز دل جا اُتي هِي اُڳيون هِن اکيون.

رڻ جي راهن ۾ ئي روح رمتو رهيو،
دل رُني آ سدائين پِڱيون هِن اکيون.

ڇا نہ پوڳيو هميشہ مِٺي! آ اسان،
موڙ ڪنهن تي جي توکان ڇِڄيون هِن اکيون.

◉

نہ ٿو جيءُ پرجي، نہ ٿا نيڻ ڍاپن،
اجايل سمندر ڪِئين چپ آجهاپن!

ڪٿي چين موسم ڪو پاتو آ جانان!
رڳو زخم دل آ، اسان جي شبابن.

وُٺيون بارشون پر پِڳو ئي بدن آ،
هينئون مِرگهہ وانگي لُٽيو آ سرابن.

ڪيا ڪاغذن ۾ دفن لڙڪ پنهنجا،
هي ”لفظن جو ماتم“، تڏو آهي خوابن!

حُسن زندگي ءِ حُسن آ خدائي،
ڪيو سونهن سجدا، نہ پِيليو گلابن.

اجا چندُ لمحا تہ ترسو ڪي جانان!
اجا چنڊ ـــ چهرو چمڻ ڏيو حجابن.

◉

لڳي آ رات نيڻن ۾،
پرينءَ جي تات نيڻن ۾.

لِڪايون ٿا وتون لوڪان،
اوهان جي بات نيڻن ۾.

پُسيو آ پاند ڇو دل جو؟
وُٺي برسات نيڻن ۾!

خدا جو پَرتوو جانان!
اوهان جي ذات نيڻن ۾!

نهاريو هُن ڪٽي نظرون،
ڦُٽي پرڀات نيڻن ۾!

رکون سانڍي ڪِئين سرتي!
اُلا جذبات نيڻن ۾!

سَلي آ راز سارا وئي،
اوهان جي سانت نيڻن ۾!

⊙

هوائن ۾ هُلي ويو آ، بدن هي ڪنهن جي خوشبو جو؟
پريشان ڀَونر هِن سارا، بدن هي ڪنهن جي خوشبو جو!

اڪين ۾ ڪيپ ٿا مُرڪن، وئي مدهوش ٿي دلڙي،
خماريل چنڊ ۽ تارا، بدن هي ڪنهن جي خوشبو جو!

هينئين تي هير جو جهونڪو بڻي ڪا ياد جي دستڪ،
سنواريل زلف هُو ڪارا، بدن هي ڪنهن جي خوشبو جو!

گهڻو مانوس ٿو ڀاسي، لڳي ٿو روح ۾ رچيل،
مِٽي جي مهڪَ جان پيارا، بدن هي ڪنهن جي خوشبو جو!

نظر جي بي قراري ۽ چپن جي تانگهہ ٿي تڙپي،
ڇَريا هِن چاهہ ۾ چارا، بدن هي ڪنهن جي خوشبو جو!

ڀنل هِن ماڪ سان مُکڙيون، لٿي آ رات چانڊوڪي،
اڙي او پوهہ جا ڀارا! بدن هي ڪنهن جي خوشبو جو!

⦿

جيئڻ لئہ ٿورڙو جيون، حياتي پوڳنا ساري،
پُڇي ڪوئي ڏسي چنڊ کان ڳتي آ رات جنهن ڪاري.

سمندر جان ڪٿي آهي تمنا جو ڪنارو ڪو!
جياپو نيڻ سپنن جا، مسافت پنڌ آ واري.

هئي ڪنهن عاج جان اُجري، ڪلي معصوم جان ڪومل،
ڳُني ناري وئي آهي ڪري جا ڪالھ هوءَ ڪاري!

اڙي او لاڙڪاڻا! هُو گهٽيون تنهنجون ڪئين وسرن؟
رُليون جي پاڻ سان گڏجي، جنم جن سان رهي ياري!

جواني خواب ناڪئي جان، بتيلي – پُور جان دلڙي،
سدائين عشق جي لهرن، ڪٿي ٻوڙي ڪٿي تاري!

انوکي چٽنگ چاهت جي، پتو مجذوب ئي جاڻن،
هئي تِيلي تہ هڪڙي پر وئي ٻيلو سڄو ٻاري!

◉

اسان جي پياس کي پنڌ جا انوکا ماڳ وئي ڏيئي،
اسان جي طلب ۾ بارش مگر هوءَ آڳ وئي ڏيئي.

چيوسين ”چنڊ“ کي ٿورو ککر ڪاڪل ڇڏيو چوڙي،
کنوڻ وانگي ڪِلي، خوشبو سندا هوءَ پاڳ وئي ڏيئي.

اسان لئہ هير جو جهونڪو، هئي جا موھ جي موسم،
اسان جي خواب نيڻن کي ازل جي جاڳ وئي ڏيئي.

گذر جو شام جو ٿيو آ، لٿي آ رات تنهائي،
نظر جي ديد کي هر ڪا پهر آ داڳ وئي ڏيئي.

هُئي جا خواب جي صورت، سدا ڪنهن ساز جو نغمو،
اسان جي روح کي ڪيئي نوان سا راڳ وئي ڏيئي.

سسئي جان پيار ٿيو پنهنجو سونهان سپ سوز جا پنڌ ٿيا،
پنهون جي پار جي ساري حياتي واڳ وئي ڏيئي.

◉

وڃائي پاڻ کي جانان! وري آ پاڻ ئي ڳوليو،
پڙاڏن جي پڙيان پنهنجو سدائين روح آ روليو.

تتل واري آ پيرن ۾، مٿان ڪوئي ڪڪر ڪونهي،
اڙي محجوب او جانان! گھڙي ڪن زلف ئي کوليو.

ڪٿي آ چاند ڪو آجو بدن دل جو زخم آهي!
ڏسيو ڪو گھاٽ ڏوڀيءَ جو جتي ڪنهن دل کي ڇاڇوليو؟

ٿي پتڪي ننڊ نيڻن ۾، خمارن جو پتو ڪونهي،
اڙي او دل جي مجذوبي! گھڙي آغوش ڏي پنهنجو.

بهارن جون بهارون ئي ڪٿي هِن پاڻ کي طلبيون،
اسان جي بي قراريءَ کي ملي ڪو چين ئي ٿورو.

وسڻ جي مند ڪٿي آهي، وسن ٿا نيڻ ٿي بادل،
هنئين جي هيڪلائيءَ ۾ جلي جوڳي جيان جيئڙو.

◉

اکين ۾ خواب جي وچ ۾ بدن آ بي قراريءَ جو،
چپن تي تشنگي تڙپي، بدن آ بي قراريءَ جو!

ڪٿي خوشبو ڪٿان آئي عجب موسم هي آواره؟
سڄو ئي ساهه ويو مهڪي، بدن آ بي قراريءَ جو!

نگاهن ۾ ادائن جي، ادائن ۾ نگاهن جي،
انوکي سانجهہ تي مُرڪي، بدن آ بي قراريءَ جو!

تمنا چنڊ جي جنهن ۾، اڙي مجذوب سا دلڙي،
ستارن سان ڪِئين سرچي، بدن آ بي قراريءَ جو!

بهارن جو پتو ڪونهي، خمارن جي خبر ناهي،
خزائن آ چڏيو پيلي، بدن آ بي قراريءَ جو!

اندر ۾ تي اِڇائن جي انوکي آڳ پئي پڙڪي،
اڇو ڪا بوند ئي ٻڌجي، بدن آ بي قراريءَ جو!

◉

نظر جي جام ۾ جادو،
سڪيءَ جي نام ۾ جادو.

اسان دلڙي هئي پنڇي،
پرينءَ جي دام ۾ جادو.

گُذر هُن جو هتان ٿيو آ،
هُلي ويو عام ۾ جادو.

خدا جي مصوري فطرت،
صبح ۾، شام ۾ جادو.

پٽيون وڪرن ٿيون پيرن ۾،
غضب آ گام ۾ جادو.

⊙

ساري رات ستارا جاڳن،
چنڊ ٿو جاڳي، چارا جاڳن.

ڪاٿي ننڊ نديءَ کي آهي،
لهرون، ناوَ ڪنارا جاڳن.

ماڻهن جا هِن خواب سمهي پيا،
ديوارن تي نعرا جاڳن.

پنهنجو روح سدا سيلاني،
جوڳ ٿا جنهن ۾ سارا جاڳن.

رت ۾ لت پت آهي ڪراچي،
گهر گهر ٿا اوسارا جاڳن.

جوڳي جو آ ياڳ سمهي پيو،
ٽيڪي ۾ ٿا ڏارا جاڳن.

⊙

ڏرتتـــي ڏرتتـــي،
زنـــدگي زنـــدگي.

چـــانورو چانـــورو،
شـــاعري شـــاعري.

آرزو آرزو،
مئڪشي مئڪشي.

انـــت اونـــداهہ جو،
روشـــني روشـــني.

ديـس گيـــڙوءَ رتو،
شـــانتي شـــانتي.

آءُ آغــــــوش ۾،
او ســـڪي، او سڪي!

تيـــز خنـجر جيان،
بـــي رخـــي بي رخي.

دشـــت ۾ دلـڪشي،
دوستـــي دوستـــي.

⊙

دوکن جي هن جهنگ ۾ سرتا!
خواب اُجاڙيا ويا اسان جا.

وماس رڄ ۾ جاڳي جاڳي،
نيڻ اجهاٽا رات ننڊاکا.

ڪالهه پيتائيءَ پير ڇهيا جن،
ڪوليءَ ٻَڪ ٻٽيا سي رستا.

تون جي وڇڙين يار اسان کان،
لُڙڪ اکين ۾ ها ڦتڪي پيا.

خيالن جي ڪِڙڪي کُلندي ئي،
لفظن ڪاڏا ڪيڏا پڙڪا!

تو ئي هڪڙي ڪارڻ سانئڻ!
نيڻ اسان جا در ٻيتڪيا.

من جي اجڙيل ڪاڪ جيان هِن،
رات ـ شهر جا ڏنڏلا شيشا.

وڄن ٿا ڇٽندا هڪ هڪ ٿي،
جيون ـــ وڻ مان جوين پتا.

◉

سدا خواب نيڻين ٻَڪيون بس پرين هِن
اسان پوڇيون تنهنجون اَکيون بس پرين هِن.

اداسي ۾ تنهنجون ڇِنيون آيتن جان،
چپن تي چميون ڏئي رَکيون بس پرين هِن.

سڄي دشت دنيا، سڄو من آ ٿر جان
عجب آٿتن جان سَکيون بس پرين هِن.

ڪڏهن ماڪ مُڪڙيون، ڪڏهن مُرڪ موتيا
ادائون اوهان جون بَکيون بس پرين هِن

◉

ڪٽي نگاھون خمارَ اَرپي
وئي ڪا وينگس بھارَ اَرپي.

ھوا جو جھوٽو ڇُھي بدن کي
ويو آ سُندر ڪا سارَ اَرپي.

سڄو جُھڙالو ٿي من ويو آ
وئي جو آلا آ وارَ اَرپي.

سڄو زمانو ستم ظرف آ
ٿي شاعري پو بہ پيارَ اَرپي.

عجب سوداگر اوھان جي دلڙي
گلن جي بدلي ٿي خارَ اَرپي.

⦿

رات ساروَن ۾ مان
لڙڪ ـ لاروَن ۾ مان.

ساٿ تنهنجو پرين!
جڻ بهارون ۾ مان.

تنهنجي راهن ۾ هِن
اک ـ نهارون ۾ مان.

مُند ميران ٻٽي
تند ـ تارون ۾ مان.

پيار پوپٽ جيان
اُڀَ ـ اُڏارون ۾ مان!

ڪاڪ دل جي ڀِني
پل ـ پڪارون ۾ مان.

ساڻ مومل هئي
مڌ ـ خمارون ۾ مان.

رات راڻي بدن
من ـ ملهارون ۾ مان.

⦿

تنهنجي حاصل دلبري آ ٿي وئي
شاعري پيغمبري آ ٿي وئي.

جام مُرڪن جو پري تو جو ڏنو
جڻ نظر جي مئڪشي آ ٿي وئي.

تنهنجي راهن ۾ اڙي او بانوري!
ٿوهرن جان زندگي آ ٿي وئي.

ويڙهي چڏيئي جو چڳون چوٽن سنديون
چانوري ۾ ڏرتتي آ ٿي وئي.

منهنجي گهر جي تو جڏهن دهليز تي
پير رکيا، روشني آ ٿي وئي.

# بيتَ



فياض لطيف جا بيت منهنجي آڏو آهن ۽ جيئن جيئن مان اهي پڙهندو پيو وڃان دل جا بي ترتيب بيٽس موسيقيءَ جي لهرن ۾ جهومڻ لڳا آهن. لفظ ناهن، هڪ سهڻي ۽ سجيل موسيقي جا تانَ ڄڻ گونججي رهيا هجن. ماڪ جا ڦڙا ڄڻ گلاب جي پتين تي تواتر سان ڪِري رهيا هجن ۽ ٽپ ٽپ جي ردم تي فطرت مي رقصم بڻجي وئي هجي. اگر اوهان جگجيت کي گهڻو ٻڌو آهي، تہ اوهان محسوس ڪري سگهندا، تہ هر بيت ۾ موسيقيءَ جا ڪي نہ ڪي ٽونس لڪل آهن. تان سين اگر شاعري لکي ها، تہ اهڙي ئي شاعري لکي ها، ڇوتہ شاعري موسيقيءَ کان سواءِ ايئن آهي، جيئن ڪنهن ڇوڪريءَ جا هٿَ مينديءَ جي ڇِٽن کان سواءِ يا جيئن ڪنهن گلفام جو سونهري بدن چرپر بنا..... هر بيت پڙهڻ سان ذهن زندگيءَ جي ان دؤر ڏانهن هليو ٿو وڃي، جڏهن گلن ۾ تيز خوشبو هوندي هئي، ڳِتن جا ڇُڳهہ دل تي سڌو اثر ڪندا هيا، ڪتابن ۾ گل ۽ خوشبوءَ وارا ٽشو پيپر پيل هوندا هيا ۽ جڏهن ڪنهن جي مُرڪي پوڻ تي ڪوڙسا تنرا شعر لکي ونبا هيا.

فياض جا بيت پڙهي مان ڄڻ تہ هڪ سفر ڪري واپس آيو آهيان. قاضي قادن، شاهہ ڪريم، پٽائيءَ، سچل، اياز، آسيءَ، ادل، وسيم، سعيد، اسد عباسيءَ بعد فياض لطيف هڪ تسلسل جو هڪ سهڻو نالو ٿي اُڀري آيو آهي.... جنهن شاعر ههڙو بيت لکيو هجي، ڇا ان کي شاهہ لطيف جو سهڻو تسلسل نہ چوندا سي.... ؟

تون جي منهنجي موهہ جي، آهين مجذوبي،
ٻيون بہ ڪيئي ڪامڻيون، مُنهنَ جون محبوبي،
تو ۾ جا خوبي، ڪنهن ۾ پَسان ڪينڪي.

**ـ حبيب ساجد**

□

ڪهڙيون ڪهڙيون سارونڻيون، پوئي پوبان يار،
هيري موتي هار، تنهنجون ساريون ڳالهڙيون!

تون ئي منهنجو آجپو، تون ئي آنهہ امنگ،
تو بن ڪهڙا رنگ، تو بن ڪهڙيون راحتون!

آهن ڪوڙ اتاوليون، تو جيئن ڪائي ڪانہ،
سمنڊ سراپا جانَ، تڙ جيان پيون ڪامڻيون.

تو ريءَ مون کي ساءُ، ڪنهن بي مان اڇي ڇو نہ ٿو!
واهوندي جي واءُ، مون گل ڪيئي گود ۾.

تنهنجون سارون سانوري! مون من هبڪارون،
ڪيڏيون بهارون، تنهنجي آئي آئيون!

تو جو اڇي اوچتو، هٿين ڍڪيا نيڻ،
مون هو توکي سيڻ! ڪيئن سڃاتو پل ۾!

سارا رستا سُڌ جا، آهن اجايا،
مايا ئي مايا، روپ نرالو نينهن جو.

سدا منهنجي ساهہ کي، آهي تنهنجي سار،
هينئين مون هبڪار، نيڻين ننڊ نہ آئڙي.

اڄ اڄ منهنجي آرزو، تنهنجا نيڻ چمان!
ڳلي لائي ڳالهڙيون، تو سان ڪي ڳرهيان،
هينئون هنج ڪريان، مني! مون وٽ جي اڇين.

اونداهيءَ ۾ چنڊ، تيئن تون منهنجي آرزو،
موهيو موهي منڊ، مون کي تنهنجي سونهن جو.

جئن هو سَرَ تي هنج، ائن پڻ تنهنجي سونهن آ،
موتي سپي منج، تئن تون من ۾ موهٽي.

آهي سونهن سمونڊ، پياس انوکي پيار جي،
اکين نند اکنڊ، آتت ريجهي کينکي.

تون جي نيڻ نينهن جا، آءُ سراپا سوز،
آءُ سندءِ امروز، تون امرتا مون منئي!

تون جي منهنجي موهہ جي، آهين مجذوبي،
ٻيون بہ کيئي ڪامڻيون، مُنهنَ جون محبوبي،
تو ۾ جا خوبي، ڪنهن ۾ پَسان کينکي.

ساجن، روپي سج جيان، نيڻين نينهن نکار،
مون کي موهي يار، نيڻين نند ڪٽي ويا.

آهي هو آڪاش ۾، جيئن نندڙاکو چنڊ،
ائن پڻ منهنجون اکڙيون، ائئي پھر اُکنڊ،
تون سراپا سمنڊ، آءُ پياسو بوند جان!

آهي انت نہ پار ڪو عشقَ اڻانگا پنڌَ،
ڏورئي ڏکن هڏڙا، سُتي چِڪن سَندَ،
ايءُ پروڙن رِندَ، روڳ جنين جي روح ۾.

چانڊوڪي ۽ چنڊ تون، تون ئي چين چڪور،
تون ئي هينئين هور، تون ئي راحت روح جي.

تنهنجي سونهن سمونڊ مان، سپي ڪا سوجهان،
اڄ اڃ منهنجي آرزو، تنهنجا نيڻ ڇمان،
تو بن چندرمان، آءُ اڌورو آهيان.

تنهنجون ساروڻيون ائين، سَرَ تي اُجرا هنج،
تو بن ڏينهَن اهنج، راس نہ آيون راتڙيون.

ڪڏهن تند ڪتار جي، ڪڏهن قرب ڪڪوهہ،
ڪڏهن نيڻ ننڊ جا، ڪڏهن رمتو روح،
ڪڏهن سج صبوح، سانجهہ ڪڏهن آ آدمي.

آهي انت نہ پار ڪو، پياس انوکو پنڌُ،
جيون ماتيءَ ـ مَنڌُ، ازل پياڪو آدمي.

جئن هوءَ گل تي ماڪ، تئن هي پل پريت جا،
اکيون اوجاڳيل طاق، من آ پياسو مِرگهہ جان.

آئينءَ تون جو اوچتو ٻانهن ۾ ٻيهار،
آرنيپ تنهنجي ارپيا، مون ڪي ڪوڙ خمار،
ساجن! تنهنجي پيار، هينئون هڪارون ٿيو.

پهريان ڪرڻا پرهہ جا، ساجن سنيها،
مون ڪي موهي ويا، نوتو ڏيئي نينهن جو.

سارون تنهنجون سپرين، ٽر تي ٽڏڙا مينهن،
سِڪي راتو ـ ڏينهن، ساهہ ٿو تو لئہ سانوري !

مون جي اڱڻِ پوکيا، مينديءَ رتا گُلَ،
هيڏا ڇا لئہ هُلَ، احمق لوڪ مچائيا!

توڙي جيون توهہ آ، ڪسو ڪسارو،
پوءِ بہ تَنهن جو مڏ جيان، پلِ پل آ پيارو،
تون جي جانان سنگ آن، ساٿُ سُڳنڌ سارو،
قربُ آ ڪنارو، سمنڊ جيان آ ساحري،

جانان! جوٺو جڳ، تو سڱ هڪڙو سپرين،
ازل کان پيي اڳ، تو سان رشتو روح جو.

جانان! آهي عشق ڇا، اڳ نہ ڪڏهن ڄاتو،
تو سان جو ناتو، سپ پروڙيم سرمدي!

جانان! هاڻي آءُ تون، ننڊ ٿا نيڻ گُهرن،
هينئين منجهہ هُرن، هر پل وارن آڱريون.

جانان! هاڻي آءُ تون، دوري ٿي ماري،
هينئون تو بن هر گهڙي، هنجهون ٿو هاري،
سانئڻ! تو ساري، ڏکيا گذرن ڏينهڙا.

آئون ڏاڍو رج ۾، پتڪِي ٿڪو هان،
آءُ گهڙي آغوش ۾، ٿورو ٽڪ پيچان،
الئہ پو جانان! جيئڻ گهٽا ڏينهڙا!

جانان! تو بِن آهيان، جڻ تہ اڌورو مان،
ٻولا سندا ڏينهڙا، جي تو ساجايان،
آءٌ ائين ڀانيان، سپني تون ئي ساڀيان.

جانان! جيون دشت جان، اڳ هو ائن ڄاتو،
توکي جو پاتو، مهڪي راهہ گلاب جيئن.

جانان! رڻ ۾ جيئن ٿي، مٺان ڪڪر ڇانءُ،
ائن پڻ تنهنجو نانءُ، مون لئہ ڇپر ڇانورو.

جانان! رڻ ۾ جئن هجي، هرڻ ڪو پياسو،
مون پڻ هِردو آ ائين، وُٺيءَ - وارياسو،
ونين وِماسو درشن تنهنجي ديد جو.

جانان! جيون آ ائين، گل تي ماڪ ڦڙا،
تنهنجا قرب ڪڙا، ”پيار پناهون ڇانورا“.

جانان! جئن ڪا رات، چنڊ بنا بي نور آ،
تيئن پڻ منهنجي ذات، تو بن ٻُسي جڳ ۾.

جانان! تنهنجو آرنيپ آ، موتئي مهڪارون،
سرتي! تو سارون، وسري وسرن ڪينڪي.

سرتي! راهہ گلاب جئن، آئي تو مهڪي،
مُرڪي هر مُڪڙي، ٽڙيا گل ٽانگر تي.

سرتي! سُہڻا ڏينهڙا، سرهيون سمرتيون،
تو سنگ صحبتون، وسري وسرن ڪينڪي.

سرتي! پاسي اوپرو، تو ريءَ هر ڪو پنڌ،
تون جان آهين سُڳنڌ، وِسريو وِسرين ڪينڪي.

سرتي! سليان ڪيئن مان، تو سان جو رشتو
لمحا چند رفاقتون، خوشبو جو جهونڪو،
تنهنجو هڪ جلوو، نانوَ هزارين نينڊ جا.

سرتي! رُت بسنت جي، تو آئي پانيان،
ڳلي تو پايان، ٻانهون موتئي هار جئن.

سرتي! رات پڙهي پئي، مون تنهنجي شاعري،
پانيم جڻ ساحري، منهنجي آس پاس هئي.

جئن هُو صحرا گل آ، سرتي! تو سرهاڻ،
تون جا نينهن نياڻ، منُ اُجايل مِرگهہ جان.

نينهن نِسوري نينڊ، نيزي تي نروار جي،
ڪُسڻ پڄاڻان ڪاپڙين، پوءِ بہ ڪيڏي ڪينڊ!
سرتي! سُڳنڌ سينڊ، مام انوکو مامرو.

سرتي! جئن هو سمنڊ آ، تئن هي پيار پڙاءُ،
تو سان جيءَ ـ جڙاءُ، انت نہ جنهن جي آر جو.

رُتِ پِني رابيل جي، سرتي! تنهنجا رنگ،
جهڙا تند ترنگ، تهڙا جوين ڏينهڙا.

آئون ها نيڻ ننڊ جا، سرتي! تون آن خواب،
تون ئي منهنجي جيءَ ۾، تون ئي مهڪ گلاب،

تون ئي روح رباب، تون ئي راحت راڳڻي.

سِڪي راتيون ڏينهن ٿو منهنجو تو لئہ ساهہ،
سانئڻ! ڪڏهن آءُ، اکئين ڍاپي تو ڏسان.

سانئڻ! تنهنجي سار آ، هينئين هُبڪارون،
آيون بهارون، مون گهر آئي تو مِٺي.

سانئڻ! تون نہ امرتا، نہ ئي آءٌ امروز،
ها پر تنهنجو سوز، ساحر جان مون ساهہ ۾.

سانئڻ! منهنجي پياس ۾، اڻ ڄاتي آ آڳ،
اکين ننڊ اَجهاڳ، پنبڻيون تڙپن تات ۾.

سانئڻ! ڇئہ تون ڪيئن مان، اکيون هي اُپڻيان،
صورت سڀ رنگَ سامهون، چوڏهين چندرمان،
سپنو ۽ ساڀيان، ٻيئي مون آغوش ۾.

سانئڻ! آر نہ پار آ، سِڪ سراپا سمنڊُ،
مون کي موهي مَنڊُ، سدا سندءِ سونهن جو.

سانئڻ! ڇئہ تون ڪيئن مان، اکيون هي پوريان،
آهي تنهنجي ساڀيان، سندر سپني کان،
تنهنجو پل اڳيان، عمر بهارون آڇپو.

سانئڻ! رنگ محل، جي جيون آ جَڳَ ۾
موهت خود مصور آ، ماٺهو موتيو گل،
پريت انوکو پل، ڄاڻو ڄاڻن ڪينڪي!

آءُ جي مٽيءَ مورتي، سانئڻ! تون هڳاءُ،
لونءَ لونءَ منجهہ لڳاءُ، تو سان آد جڳاد کان.

هينئون نہ منهنجي هٿ ۾، نہ مون وس وِماس،
آهي منهنجي روح ۾، رڳو تنهنجي تاس،
ڇوڙس تنهنجو واس، مون من تڙپي مرگهہ جان!

سکي! روح رباب، سرير آڳر سوز جي،
تند انوکو تاب، ساھ سراپا سرمدي.

سکي! تو بن ڪيترو، اوکو آ جيوَن،
سامهون جو درپن، تو ريءَ پاسي اوپرو.

سکي! آءُ تہ اوريان، تو سان اندر اُڪير،
تون جا اتر هير، مون من ماندو مند جئن.

سکي! تنهنجو روپ، ڄڻ چوڏهين جو چنڊ آڪاش جو،
موتئي مهڪي ڏوپ، تو جي وار وکيريا.

# 2010ع واري مها ٻوڏ جي پس منظر ۾ لکيل بيتَ

سنڌوءَ ٻوڙي سنڌڙي، ڦورن ڦُريا ڌراڙ،
ايڏي جوءِ ۾ جاڙ، سنڌ روئي ٿي رت ڦڙا.

ڌراڙن جا پرجهلا، پاڳين جا پڳوان،
مِهر ڪج مسڪينن تي، موج پريا مهراڻ،
ڌرتيءَ جا ڌنوان، سنڌ سنڌءِ آ آسري.

ٻوڏ ستيل ماروئڙا، پَٽ تي پيا آهن،
دهشت دم درياءَ ۾، ويرون تارِ وَهن،
اَجهي ريءَ اُپ هيٺ، واهر واجهائن،
آسروند آهن، ماڻهو مالڪ مِهر لئہ.

صاحب! سُٺي سڌڙا، ٻوڏ مصيبت ٽار،
اَڌر نِڌر ننگپال تون، اوکيءَ ويل اُڪار،
ڌرتي شاهہ لطيف جي، آهي تو آڌار،
موج پرئي مهراڻ جي، بَـرَ ڏي مُوڙ مَهار،
واهر ڪر ولهار، سنڌڙي ٻيڙي ٿي ٻُڏي!

ويڙها ويرين پيليا، جهيڙن جهوري جند،
سُک نہ سنبري سنڌ، اڄ صدي اتهاس ۾.

ڪڏهن اُجاڙي سوڪهڙي، ڪڏهن اُجاڙي ٻوڏ،
سنڌڙي سدا اوڏ، اَڏيا متيءَ گهرڙا.

ڀِري ٽُري سنڌڙي، ٻوڙي ويئي ٻوڏ آ،
هاڃي هنيون ڪيتريون، هينئين هنئي هڪڙي،
درد ڀري دلڙي، ڏُکي دردن دود ۾.

سگهہ ٻڏائي سورن کي، سانگي جي اُٿندا،
ڀتر ڀِي ڀُرندا، دک سموري ديس جا.

مٿان ماروئـڙن جي، هي جي ڏينهن ڏهاڳ،
ڏورڻ ڏکيو هيڪلو آهي پنڌ اَجهاڳ،
وکان ويجهو ماڳ، جي تو جاڳ آ جيءَ ۾.

وکان ويجهو ماڳ، جي تون ساٿي سچ جو،
آهي تنهنجي وس ۾، تنهنجو ڀاڳ اَڀاڳ،
جِيءَ ۾ تنهنجي جاڳ، آهي گس ڀرينءَ جو.

سُکن پاڙون واءَ ۾، ڏکن پاڙون ڀونءِ،
جندڙي سنڌڙيءَ سونءِ، سکن ڏينهڙا ٿورڙا.

ٻُڏي لُڏي ٻارِ مان، ڀُڄي ويجبو پارِ،
هينئڙو ڪين هارِ، ”ڏکن ڏينهڙا ٿورڙا.“

اُٿو ورنايو سڏ، مِڙي سڀ مُٺِ ٿيو!
ڏوريو پنڌ ڏکن جو گوندر ڪٽي گڏ،
محبت آهي مَڏ، تَرِي پاڻ اُڪاريو.

سنڌوءَ نہ ٻوڙي سنڌ، ٻُوڙي ٻوگهلن،
هاڃي هنيا ماروئـڙا، ڪنهن در دانهن ڏين،
”ڏئي ڏنڀ ڏڏن“، سُکي ٻوڙي سنڌڙي.

# وايون



وائي سنڌ جي زرخيز مٽيءَ مان جنم ورتو آهي ۽ نج سنڌي شاعراڻي صنف آهي. شيخ اياز کان ادل سومري، آسي زميني، اياز جاني، فياض لطيف ۽ نئين نسل تائين خوبصورت شاعرن جي ڊگهي قطار آهي، جن ان تخليقي ميدان ۾ پنهنجي سهائي ڪئي آهي. فياض لطيف منفرد تخليقي سوچ رکندڙ شاعر ۽ خوبصورت نثر نگار آهي. فياض نظم بہ ڏاڍا دلڪش لکيا آهن، ساڳي نموني سندس واين ۾ بہ دلربا انداز ملي ٿو.

منهنجي نظر ۾ وائيءَ جي حُسن يا دلڪشيءَ جو راز ان جي خوبصورت وراڻي آهي. حسين وراڻيءَ جو پنهنجي بند سان سهڻو پڇاءُ وائيءَ کي چوڏهن چنڊ لڳائي ڇڏيندو آهي. فياض لطيف وائيءَ ۾ اَڇوتي وراڻي سِرجڻ ۾ مهارت رکي ٿو. سچ تہ فياض جي واين ۾، آڪاش ۾ جرڪيل چنڊ جهڙو جمال جَهلڪي ٿو.

**۔ سعيد ميمڻ**

تون جو آئي آن
منهنجي جيون ۾،
جوت ڏيئا جرڪي پيا.

سوچن جي رڻ ۾
جيڏيءَ جوپن ۾،
جوت ڏيئا جرڪي پيا.

تنهنجي ايندي ئي،
آتين ٻانهن ۾،
جوت ڏيئا جرڪي پيا.

اکيون جو اُپٽيون،
منهنجي سپنن ۾،
جوت ڏيئا جرڪي پيا.

تنهنجي مُرڪڻ سان،
منهنجي راهن ۾،
جوت ڏيئا جرڪي پيا.

❀

تنهنجا گيت گلاب،
خوشبو تن جي جڳ واسيا.

تنهنجون ڪوتائون، ڪوي!
تنهنجا ڏوهہ ثواب،
خوشبو تن جي جڳ واسيا.

چارڻ، ٻيجل آهين تون،
تنهنجو روح رباب،
خوشبو تن جي جڳ واسيا.

جر ڪيا تنهنجي جوت مان،
مينديءَ رتا خواب،
خوشبو تن جي جڳ واسيا.

❀

(شيخ اياز جي ياد ۾ لکيل)

سارو لوڪ ستو،
چنڊ اڃا جاڳي ٿو!

واءَ وسائي وئي،
مندر جو ڏيئو،
چنڊ اڃا جاڳي ٿو!

ٽڪل نيڻن ۾
آهليو اوسيئڙو،
چنڊ اڃا جاڳي ٿو!

سنڌوءَ جون لهرون
ناڪئي جو ٻيڙو،
چنڊ اڃا جاڳي ٿو!

رات جي پاڪر ۾
سمهي پيو سونچو،
چنڊ اڃا جاڳي ٿو!

❁

ڪڪر ڪارونيار،
چوڏس وڄ وراڪا.

اُڀن اوڀارون، مٿان-
تاڙي جي آ تنوار،
چوڏس وڄ وراڪا.

آهن ڄڻ ڪي اوچتو،
ويگنس ڇوڙيا وار،
چوڏس وڄ وراڪا.

اکڙيون آسرونديون،
نپ نهاري نار،
چوڏس وڄ وراڪا.

آئي آهي بانوري،
ڪري هار سينگار،
چوڏس وڄ وراڪا.

❁

ڪوتا جي تاريءَ مان،
    ٽٽو گل گلاب جو!

ڳُوڪيون ڳِيلڙيون،
ٽيو روج رباب جو،
    ٽٽو گل گلاب جو!

موت جي جهڙپ جهٽي وئي،
آ آجپو عقاب جو،
    ٽٽو گل گلاب جو!

ڏات ننگر ۾ ٽي ويو،
خون ننڊاڪي خواب جو،
    ٽٽو گل گلاب جو!

❁

(استاد بخاريءَ جي وڇوڙي تي لکيل)

بادل جو برسيا،
ٿر جي واريءَ جا،
آتا نيڻ ٺري پيا!

ڇَوڏس ڪيت ڦلاريا،
هيٺي هاريءَ جا،
آتا نيڻ ٺري پيا!

پنڇي جئن وينو اڇي،
اُجڙيل تاريءَ جا،
آتا نيڻ ٺري پيا!

پاتئين لوڙهي ڪان ليئو،
پياسي ناريءَ جا،
آتا نيڻ ٺري پيا!

روز ٻُڏي تري پئي،
جيون جي ٻيڙي،
درد جي ساگر ۾!

ڏور ڪنارا ها
ساپيان مون هڪڙي،
روز ٻڏي تري پئي،
درد جي ساگر ۾!

آڏيءَ جو اُپ ۾،
چنڊ جي چانڊوڪي،
روز ٻڏي تري پئي،
درد جي ساگر ۾!

صدين کان من ۾
سانڍي هڪ گهڙي
روز ٻڏي تري پئي،
درد جي ساگر ۾!

❁

ڦُريو ڦوڙائي،
قورو ڪيئن ڦوليان!

جيڏيون جيءُ جهريون
لوڪان لڪائي،
ڦورو ڪيئن ڦوليان!

سُڌ نہ مون سُٺ جي
هينئين هورائي،
ڦورو ڪيئن ڦوليان!

منهنجي ويو آهي
چِت ڪو چورائي،
ڦورو ڪيئن ڦوليان!

ڦورو ڪيئن ڦوليان!

تنهنجي اوسيئڙي
منهنجي جوڀن جو،
سرتي! سج لهي ويو.

پن ڇڻ موسم ۾
ٿاريءَ پن پن جو،
سرتي! سج لهي ويو.

تنهنجي سپنن ۾
منهنجي سوچن جو،
سرتي! سج لهي ويو.

تو بن منهنجي آ
مڙني خوشين جو،
سرتي! سج لهي ويو.

❁

توجي ڏني مون
ٻانهن سيراندي،
سرتي! ننڊ اچي وئي!

منهنجي سپنن کي
تنهنجي پيراندي،
سرتي! ننڊ اچي وئي!

ساريندي توکي
سوچن ۾ باندي،
سرتي! ننڊ اچي وئي!

ڪُنن جي ڪچ ۾
ايندي ئي آنڌي،
سرتي! ننڊ اچي وئي!

اهنسا ـ اڳواڻ
گوليءَ سان گانڌي،
سرتي! ننڊ اچي وئي!

❁

ڪنهن ڪي ڳولن ٿيون
اڄ اکيون آتيون،
ڪينجهر جي تڙ تي!

جرڪيل چنڊ ـ آڪاش ۾
ماڪ پنيون راتيون
ڪنهن ڪي ڳولن ٿيون،
ڪينجهر جي تڙ تي!

پاڻيءَ تي پاڇا هيا
لهرن جون ڇاتيون
ڪنهن ڪي ڳولن ٿيون،
ڪينجهر جي تڙ تي!

پره ڦٽيءَ جو لام تي
پکين جون لاتيون
ڪنهن ڪي ڳولن ٿيون،
ڪينجهر جي تڙ تي!

مڃر مهڪارون هيون
بتيلي ـ باتيون
ڪنهن ڪي ڳولن ٿيون،
ڪينجهر جي تڙ تي!

❁

دريءَ کان ٻاهر،

جرڪيو چنڊ جوانيءَ جو!

واءَ ۾ لهرايا

ڪاڪل ڪاريهر،

جرڪيو چنڊ جوانيءَ جو!

تنهائي جي رڻ ۾

ٻوڳي ٿو شاعر،

جرڪيو چنڊ جوانيءَ جو!

رات اوجاڳيل ۾

تارن جي جهرمر،

جرڪيو چنڊ جوانيءَ جو!

❁


دل جي خانہ بدوشي
(شاعري)
فياض لطيف
رکيل مورائي